جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاه

جلد 16 | آچر 04 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 21 ربيع الثاني 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 353

حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ڳالهيون ڪامياب، گڏيل پڌرنامو تيار

قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر سردار اياز صادق حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ٿيل ڳالهين جي ميزباني ۽ صدارت ڪري رهيو آهي. ڳالهين ۾ مسلم ليگ (ن)، پيپلز پارٽي ۽ مخالف ڌر جا وفد شريڪ ٿيا

حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ڳالهين جي ٻئي دور جي شروعات ڌراپن ۽ شڪايتن سان ٿي. وفاقي وزير امير مقام، سهيل آفريدي جي ٽوئيٽ جو معاملو اٿاريو

اسان ڪالهه مخالف ڌر کي اڳتي وڌڻ لاءِ لانگ مارچ ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي هئي، پر اڄ سهيل آفريدي ٻيهر لانگ مارچ بابت ٽوئيٽ ڪري ڇڏيو

سينيئر حڪومتي اڳواڻن بابت به نازيبا ٻولي استعمال ڪئي وئي آهي. اهڙي صورتحال ۾ اسان ڪيئن سمجهون ته مخالف ڌر جو وفد ڪيترو بااختيار آهي؟ : حڪومتي وفد

اوهان دفاع واري وزير خواجا آصف جي ٽوئيٽ بابت ڇا چوندا؟ ڇا اهو درست هو؟ جيڪڏهن اڳتي وڌڻو آهي ته اعتماد بحال ڪرڻو پوندو : مخالف ڌر جو جواب

ڳالهين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ لانگ مارچ غيرمشروط طور ختم ڪيو وڃي. ذريعن موجب حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ڳالهين ۾ مثبت اڳڀرائي جا امڪان آهن

اسلام آباد (بيورو) حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿي ويون. جنهن ڪانپوءِ گڏيل پڌرنامو تيار ڪيو ويو آهي. قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر سردار اياز صادق حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ٿيل ڳالهين جي ميزباني ۽ صدارت ڪري رهيو آهي. ڳالهين ۾ مسلم ليگ (ن)، پيپلز پارٽي ۽ مخالف ڌر جا وفد شريڪ ٿيا. ذريعن موجب حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ڳالهين جي ٻئي دور جي شروع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي لاءِ اسان جي اولين ترجيح پاڻي جي مسئلي کي حل ڪرڻ آهي: بلاول ڀٽو

پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري گريٽر ڪراچي سيوريج پلان تحت ملڪ جي پهرين نئين تعمير ٿيل واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ _ I جو افتتاح ڪيو

جيڪو شهر جي سيوريج پاڻي کي صاف ڪرڻ ۽ ان کي ٻيهر استعمال لائق بڻائڻ ۽ ڪراچي ۾ پاڻي جي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ گيم چينجر قدم آهي

ڪراچي جي ماڻهن کي پاڻي فراهم ڪرڻ ۽ شهر جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهن

هي تاريخي منصوبو نه رڳو ڪراچي جي صنعتي ۽ آبادي وارن علائقن جي پاڻي جي ضرورتن کي پورو ڪندو پر شهر، سمنڊ ۽ پاڻي جي ذخيرن ۾ آلودگي کي گهٽائڻ ۾ پڻ مدد ڪندو

ڪراچي لاءِ اسان جي اولين ترجيح پاڻي جي مسئلي کي حل ڪرڻ آهي سڄو ملڪ ۽ خاص طور تي سنڌ پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيو آهي

سنڌ کي پاڻي جي حصيداري جي معاهدي مطابق پنهنجو پورو حصو نه ملي رهيو آهي پاڻي فراهم ڪرڻ بدران، متاثرين علائقن ۾ اهڙا منصوبا شروع ڪيا پيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري گريٽر ڪراچي سيوريج پلان تحت ملڪ جي پهرين نئين تعمير ٿيل واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ _ I جو افتتاح ڪيو. جيڪو شهر جي سيوريج پاڻي کي صاف ڪرڻ ۽ ان کي ٻيهر استعمال لائق بڻائڻ ۽ ڪراچي ۾ پاڻي جي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ گيم چينجر قدم آهي. ميڊيا سيل بلاول هائوس ڪراچي پاران جاري ڪيل پري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمب1

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو سان پارٽي اڳواڻ عاجز ڌامرہ ملاقات ڪندي

وزيراعظم صوماليه ۾ فوت ٿي ويل پاڪستانين جي گهرڀاتين لاءِ هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ جي مالي مدد جو اعلان

وزيراعظم شهباز شريف صوماليه ۾ فوت ٿي ويل پاڪستاني ڪاشف عمر جي پٽ اذهان ڪاشف سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه

شهباز شريف فوت ٿي ويل ننڍي پاڪستانين جي ٻارن لاءِ مفت تعليم، صحت جي سهولت ۽ رهائشگاهه ڏيڻ جو اعلان

وزيراعظم پرڏيهي وزارت ۽ ٻين سمورن لاڳاپيل ادارن کي ڪاشف عمر ۽ 2 فوت ٿي ويلن جي خاندانن سان سڌو سنئون رابطي جي به هدايت ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف صوماليه ۾ فوت ٿي ويل ٽن پاڪستانين جي گهر ڀات/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

قصور ويجهو ڀارتي بارڊر فورسز جي فائرنگ، 2 پاڪستاني شهري شهيد، هڪ زخمي

ڀارتي بارڊر سيڪيورٽي فورسز پاڪ _ ڀارت عالمي سرحد تي قصور پرسان 3 پاڪستاني شهرين تي فائرنگ ڪئي

لڌڙ ڳوٺ جا 3 پاڪستاني شهري بارڊر پلر کان ڪجهه قدم اڳتي وڌيا ته بي ايس ايف بنا ڪنهن وارننگ جي کين نشانو بڻايو

اسلام آباد (بيورو) ڀارتي بارڊر سيڪيورٽي فورسز جي فائرنگ سبب 2 غير هٿياربند پاڪستاني /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: اسحاق ڊار پرڏيهي آفيس جي مسجد جي واڌ ۽ رنگ روغن جي پيڙهه جو پٿر رکي ڇڏيو

مصطفيٰ ڪمال سنڌ ۾ ايم ڊي ڪيٽ ۾ بي ضابطگين وارين شڪايتن جو نوٽيس وٺي ڇڏيو، جاچ جو حڪم

ايم ڊي ڪيٽ مرڪز جي نتيجن ۾ غير معمولي يا نمايان فرق جي به جانچ ڪئي وڃي

خط ۾ حاضري شيٽ، سيٽنگ پلان، سينٽر رڪارڊ ۽ رزلٽ ڊيلٽا جو جائزو وٺڻ جي به هدايت ڪئي وئي

پي ايم ڊي سي کي ايم ڊي ڪيٽ جي انويجيليشن انتظام ۽ دستياب ڊيجيٽل رڪارڊ به چيڪ ڪرڻ جو چيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي وزير صحت مصطفيٰ ڪمال سنڌ ۾ ايم ڊي ڪيٽ ۾ بي ضابطگين وارين شڪايتن جو نوٽيس وٺي ڇڏيو صحت واري وزارت ايم ڊي ڪيٽ جي نتيجن جي جاچ لاءِ صدر پي ايم ڊي ڪي خط لکي ڇڏيو آهي جنهن ۾/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

پي ٽي آءِ فيصلي تي ڄمي وئي، سياسي ۽ ڪور ڪميٽي جا اجلاس، لانگ مارچ سڀاڻي کان شروع ڪرڻ جو اعلان

پي ٽي آءِ جي سياسي ۽ ڪور ڪميٽي رات دير سان اجلاس ۾ فيصلو ڪندي لانگ مارچ جي ملتوي کي باني چيئرمين جي ملاقات سان مشروط ڪري ڇڏيو

رات دير سان اجلاس ۾ بيرسٽر گوهر ۽ سلمان اڪرم راجه حڪومت سان ڳالهين بابت بريفنگ ڏني

لانگ مارچ سان صوبائي حڪومت ۽ پي ٽي آءِ جي خلاف وفاق امڪاني طور تي قدم کڻي سگهي ٿو

پشاور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) پنهنجي فيصلي تي ڄمي وئي. سياسي ۽ ڪور ڪميٽي جي اجلاسن کان پوءِ لانگ مارچ شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو پي ٽي آءِ جي سياسي ۽ ڪور ڪميٽي رات دير سان اجلاس ۾ فيصلو ڪندي لانگ مارچ جي ملتوي کي باني چيئرمين جي ملاقات سان مشروط ڪري ڇڏيو رات دير سان اجلاس ۾ بيرسٽر گوهر ۽ سلمان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمب6

سامونڊي معاملن واري وزير جي ون ڊور پورٽ بزنس سهولت مرڪز جي قيام تي ڪم جي رفتار تيز ڪرڻ جي هدايت

جيئن بندرگاهن بابت ڪاروباري خدمتون هڪ ئي ڇت هيٺ فراهم ڪري سگهجن : وفاقي وزير

وفاقي وزير اها هدايت سامونڊي معاملن واري وزارت جي جاري منصوبن ۽ قدمن جو جائزو وٺڻ لاءِ منعقد هفتيوار اجلاس

ملڪ جي بليو اڪانامي (سامونڊي معيشت) کي هٿي ڏيڻ لاءِ مختلف منصوبن ۽ پاليسي قدمن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو

وفاقي وزير ڪاروباري سهولت لاءِ تجويز ڪيل ون ڊور سيل تي ڪم تيز ڪرڻ جي ضرورت تي زور

اسلام آباد (بيورو) سامونڊي معاملن واري وفاقي وزير محمد جنيد انوار چوڌري ڪراچي ۾ ون ڊور سهولت مرڪز جي قيام تي ڪم تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي ته جيئن بندرگاهن بابت ڪاروباري خدمتون هڪ ئي ڇت هيٺ فراهم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمب7

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي تقريب کي خطاب ڪندي

سيوهڻ ۾ گئس پائپ لائن ڦاٽڻ سبب ڌماڪا

سيوهڻ (رپورٽر) پان سيدآباد پرسان سوئي گئس جي پائپ لائن ڦاٽڻ سبب پان سيدآباد، خدا آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

اسٽاڪ مارڪيٽ، ڪاروباري هفتي ۾ 2609 پوائنٽن جي لاٿ

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي دوران منفي رجحا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

پنجاب ۾ مڪاني چونڊون 14 ڊسمبر تي ڪرائڻ جي تجويز

تجويز ڪيل شيڊول موجب نامزدگيءَ جا ڪاغذ 27 کان 30 آڪٽوبر تائين جمع ڪرائي سگهبا

ريٽرننگ آفيسر مڪاني چونڊن جي نتيجن جو اعلان 17 ڊسمبر تائين ڪندا

لاهور (م د) اليڪشن ڪميشن پنجاب ۾ مڪاني چونڊون 14 ڊسمبر تي ڪرائڻ لاءِ تجويز ڪيل شيڊول چيف سيڪريٽري پنجاب ڏانهن اماڻي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

لاڙڪاڻي ۾ فائرنگ، پيءُ ۽ ٽن پٽن سميت 5 ڄڻا مارجي ويا

هٿياربندن جيڪب آباد روڊ تي انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا مارجي ويا

جن ۾ پيءُ ۽ سندس 3 پٽ پڻ شامل آهن، جڏهن ته هڪ واٽهڙو به گولين جو نشانو بڻجي ويو

فائرنگ ڪانپوءِ جوابدار فرار ٿي ويا، جن جي گرفتاري لاءِ علائقي جي ناڪابندي ڪري ڇڏي وئي آهي ۽ ڪارروائي جاري آهي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) رتوديرو جي جيڪب آباد روڊ تي اڻڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ ۾ پيءُ ۽ ٽن پٽن سميت 5 ڄڻا مارجي ويا. پوليس موجب هٿياربندن جيڪب آباد روڊ تي انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا مارجي ويا، جن ۾/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

اسحاق ڊار جي صدارت ۾ بين الوزارتي اجلاس

پاڪستان – بحرين گڏيل وزارتي ڪميشن جي ٽئين اجلاس جي تيارين جو جائزو ورتو ويو

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چنچر ڏينهن پاڪستان – بحرين گڏيل وزارتي ڪميشن (جي ايم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

آءِ ايم ايف پاڪستان جي پيٽرول تي ڊنل سبسڊي واري اسڪيم جي مخالفت ڪري ڇڏي

پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جي وچ ۾ جاري ڳالهين جي دوران ايڪسچينج ريٽ، وياج جي شرح سميت ٻين ڪيترن ئي نڪتن تي اختلاف برقرار آهي

آءِ ايم ايف پاڪستان ۾ مارڪيٽ بيسٽ ايڪسچينج ريٽ رکڻ تي زور ڏيندي مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ وياج جي شرح سخت رکڻ جي تجويز ڏني

آءِ ايم ايف اختيارين پاڪستان کي ٻارڻ جي تيل تي سبسڊي يا ڪراس سبسڊي ڏيڻ جي مخالفت ڪئي آهي. فيول تي بينظير انڪم سپورٽ جيان مستحق ماڻهن کي ٽارگيٽيڊ سبسڊي ڏيڻ جي تجويز ڏني وئي

اسلام آباد (بيورو) عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) پاڪستان کي ٻارڻ واري تيل تي سبسڊي يا ڪراس سبسڊي ڏيڻ جي مخالفت ڪندي حڪومت تي چٽو ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ته رليف اسڪيم ۾ 3 مهينن کان وڌيڪ واڌ ممڪن نه آهي. ذريعن موجب پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جي وچ ۾ جاري ڳالهين جي دوران ايڪسچينج ريٽ، وياج ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

لاهور: وزيراعلي پنجاب مريم نواز شريف سان پرڏيهي سفير ملاقات ڪندي

برطانوي ايئر بيس واقعي ۾ ٻٽي شهريت وارو ايراني گرفتار

ساڳئي علائقي ۾ ٻن ملڪيتن جي تلاشي جو عمل پڻ هاڻي مڪمل ڪيو ويو آهي

شڪي ”گاڏين“ بابت پوليس کي اطلاع ملڻ ڪانپوءِ وڏي نوعيت جي هنگامي صورتحال جو اعلان ڪيو ويو

لنڊن (م د) برطانيا ۽ ايران جي ٻٽي شهريت رکندڙ هڪ 25 ورهين جي شخص کي، RAF فيئرفورڊ سان لاڳاپيل هڪ واقعي ۾ دهشتگرد ڪارروائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ڊيزل جي برآمد تي پابندي جي منظوري نه ڏيندس: ٽرمپ

سيوَن ملڪن طرفان ايندڙ ڇهن مهينن دوران 10 ڪروڙ بيرل ڊيزل ۽ خام تيل جي فراهمي تي اتفاق ڪانپوءِ سامهون آيو

پنهنجي ذخيرن مان ڊيزل جاري نه ڪيو ته آمريڪا طرفان ڪين ڊيزل جي فراهمي روڪي سگهجي ٿي

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته هو ڊيزل جي برآمد تي پابندي لاڳو ڪرڻ جي منظوري نه ڏيندو. ٽرمپ جو اهو اعلان جي سيو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

سول جج جي لکت واري امتحان ۾ رڳو 3 اميدوار ڪامياب

جنهن ۾ 1024 اميدوارن مان رڳو 3 اميدوار ڪامياب ٿي سگهيا

لکت واري امتحان ۾ ڪامياب ٿيندڙ ٽن اميدوارن جا هاڻي انٽرويو ٿيندا

پشاور (م د) خيبر پختونخوا ۾ سول جج ڪم جوڊيشل مئجسٽريٽ جي 105 خالي جاين لاءِ ٿيل لکت واري امتحان جو نتيجو سامهون اچي ويو. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

آئيني عدالت جو مونال ڪيس بابت فيصلو جاري

سپريم ڪورٽ جو 21 آگسٽ 2024ع وارو فيصلو بيان ڪيل حدن تائين ڪالعدم قرار ڏنو ويو

سپريم ڪورٽ جو اڳوڻو نظرثاني فيصلو پڻ برقرار نه رهي سگهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي آئيني عدالت مونال ڪيس جو تفصيلي فيصلو جاري ڪندي سي ڊي اي ۽ ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جون نظرث/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ٻارن جو خرچ والدين نه، ٻار جو قانوني حق آهي: لاهور هاءِ ڪورٽ

جسٽس عثمان غني راشد چيما 6 صفحن تي ٻڌل حڪم نامو جاري ڪيو

والدين پاڻ ۾ سمجهوتو ڪري سگهن ٿا، پر ٻار جي قانوني حق تي سودو نٿا ڪري سگهن

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ ٻارن جي نان نفقي بابت ڪيس جو حڪم جاري ڪندي والدين جي رضامندي سان نابالغ ٻار جو ماهوار خرچ 30 هزار رپيا مق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

باڪو ۾ ”ٻولين وچ ۾ پل“ جي موضوع سان ادبي تقريب جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد: حڪومتي ۽ پي ٽي آءِ وفد ڳالهيون ڪري رهيا آهن

محسن نقوي پاران خوارجي دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ خوارجي دهش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

زرداري پاران وفاقي جمهوريه جرمني جي صدر ۽ عوام کي جرمن اتحاد جي ڏينهن جي موقعي تي مبارڪباد

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري وفاقي جمهوريه جرمني جي صدر ڊاڪٽر فرينڪ والٽر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

پي ٽي آءِ لانگ مارچ: اسلام آباد ۾ رينجرز جي مقرري ۾ 15 آڪٽوبر تائين واڌ

وفاقي حڪومت اسلام آباد ۽ پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ رينجرز جي مقرري ۾ اها واڌ 15 آڪٽوبر 2026ع تائين ڪئي آهي

اسلام آباد ۾ پي ٽي آءِ جي 27 سيپٽمبر جي لانگ مارچ کي نظر ۾ رکندي رينجرز جي مقرري 20 سيپٽمبر کان 5 آڪٽوبر 2026ع تائين ڪئي وئي هئي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

يو اي اي پاران فلائي دبئي جي پائلٽ تي حملو دهشتگردي قرار

هن ڪاڪ پٽ اندر ڪپتان تي حادثن ۾ استعمال ٿيندڙ ڪهاڙي سان حملو ڪيو

واقعي جون مڪمل حالتون، ان جا مقصد ۽ ان سان لاڳاپيل ڪنهن به رابطن جو پتو لڳائڻ لاءِ جاچ جاري

دبئي (م د) گڏيل عرب امارات جي وفاقي پراسيڪيوٽر حمد سيف الشمسي چيو آهي ته فلائي دبئي جي اڏام FZ1073 بابت ٿيل جاچ م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

قومي روانگي واپار ۾ جاري مالي سال جي پهرين ٽه ماهي دوران 11 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (بيورو) قومي روانگي واپار ۾ جاري مالي سال جي پهرين ٽه ماهي دوران 11 سيڪڙو کا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

اسلام آباد ۾ ڪا به روڊ بند ناهي ڪئي وئي: اطلاعات وزارت

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي هدايتن تي عمل ڪندي احتياط طور ڪنٽينر رکيا ويا آهن

حساس تنصيبات ۽ عوامي بنيادي ڍانچي جي تحفظ لاءِ حفاظتي قدم کنيا ويا آهن

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات واري وزارت چيو آه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

لاهور: وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڀارتي هاءِ ڪميشن جي طلبي، ٻن شهرين جي شهادت تي احتجاج

گذريل ڏينهن پاڪ ڀارت عالمي سرحد جي پرسان لڌڙ ڳوٺ سان تعلق رکندڙ 3 مقامي پاڪستاني شهري بارڊر پلر کان ڪجهه قدم اڳيان وڌيا

ڀارتي بي ايس ايف اهلڪارن مبينه طور تي انهن کي بنا وارننگ جي فائرنگ جو نشانو بنايو

بيديان سيڪٽر ۾ ڀارتي بي ايس ايف اهلڪارن 2 پاڪستاني شهرين کي فائرنگ ڪري شهيد ڪيو

اسلام آباد (بيورو) پرڏيهي وزارت ڀارتي بارڊر سيڪيورٽي فورس جي فائرنگ سبب 2 پاڪستاني شهرين جي شهادت تي ڀارتي هاءِ ڪميشن کي طلب ڪري سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي. گذريل ڏينهن پاڪ ڀارت عالمي سرحد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

عسڪري ۽ سياسي قيادت فيصلو ڪري ورتو آهي ته ڌرڻا ۽ لانگ مارچ اسلام آباد کان پري ٿيڻ گهرجن: راڻا ثناءُالله

جيڪڏهن پي ٽي آءِ کي پنهنجن مطالبن جي لاءِ احتجاج ڪرڻو آهي ته اها پشاور، مردان، ڪراچي يا لاهور ۾ احتجاج ڪري سگهي ٿي

ڳالهين جو فيصلو صدر ۽ وزيراعظم ڪيو آهي انهي عمل ۾ لاڳاپيل ادارن کي پروسي ۾ نه ورتو ويو هوندو

جيڪڏهن انهي جو ڪو موقف آهي ته اهو وفاقي حڪومت سان سڌو سنئون ڳالهيون ڪري

لاهور (م د) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار راڻا ثناءُالله چيو آهي ته عسڪري ۽ سياسي قيادت فيصلو ڪيو آهي ته ڌرڻا ۽ لانگ مارچ اسلام آباد کان پري ٿيڻ گهرجن. نجي ٽي وي جي پروگرام ۾ ڳالهيون ڪندي راڻا ثناءُالله چيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

پاڪستان روس سان لاڳاپا وڌائڻ چاهي ٿو: اويس لغاري

پاڪستان _ روس بين الحڪومتي ڪميشن جي شريڪ چيئرمين اويس لغاري روسي ٽي وي کي انٽرويو

وزيراعظم شهباز شريف هر عالمي فورم تي روسي صدر ولاديمير پيوٽن سان ملاقات ڪئي آهي

پاڪستان ۽ روس وچ ۾ ويجها لاڳاپا علائقائي امن ۽ سلامتي سان گڏ معاشي ترقي لاءِ پڻ اهم آهن

هر عالمي فورم تي روسي صدر ولاديمير پيوٽن سان ملاقات ڪئي آهي، ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ ويجها لاڳاپا قائم ڪرڻ جي خواهش آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير توانائي اويس لغاري چيو آهي ته پاڪستان روس سان لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ڪرڻ چاهي ٿو. روس خطي توڙي دنيا ۾ پاڪستان جو اهم ڀائيوار آهي. پاڪستان _ روس بين الحڪومتي ڪميشن جي شريڪ چيئرمين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

4 سالن لاءِ ڪراچي يونيورسٽي جو نئون وائس چانسلر مقرر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سرڪاري يونيورسٽين جي ڪنٽرولنگ اٿارٽي سنڌ جي وڏي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

خانپور آپريشن، جتوئي گينگ جو ڌاڙيل مارجي ويو، 10 زخمي

شڪارپور (رپورٽر) خانپور ڪچي ۾ پوليس جو ڏوهاري سعد خاناڻي جتوئي گينگ خلاف آپريشن جاري، فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ ڌ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ڪراچي: ڪمرشل ڪراچي جي هدايت تي ايل پي جي جون دڪانون سيل ڪيون پيون وڃن

ڪي پي ۽ بلوچستان ۾ آپريشن، 11 دهشتگرد مارجي ويا

ڏکڻ وزيرستان ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران فتنة الخوارج جي 5 دهشتگردن کي ماريو ويو

دهشتگردن جا نڪاڻا پڻ نشانو بڻائي تباهه ڪيا ويا

پشاور/ڪوئيٽا (م د) خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروايٖن دوران فتنة الخوارج جا 11 دهشتگرد مارجي ويڄ جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

باڪو ۾ ”ٻولين وچ ۾ پل“ جي موضوع سان ادبي تقريب منعقد، پاڪستاني ۽ آذربائيجاني ادب جا ترجما پيش

باڪو (م د) باڪو ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي انتظام هيٺ آذربائيجان يونيورسٽي آف لينگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

لانگ مارچ: ڪنٽينر ضبط ٿيڻ جي ڊپ کان ڊرائيور پنجاب وڃڻ کان انڪاري، ڪراچي پورٽ تي ڪارگو جمع

ٽرڪ ڊرائيورن انهي خدشي کي نظر ۾ رکندي اترين علائقن طرف سامان کڻي وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

پوليس اسان جون گاڏيون قبضي ۾ وٺي ڪنٽينر اسلام آباد ويندڙ رستن تي رڪاوٽون ٻيهارڻ لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿي

پولقا گاڏيون ۽ ڪنٽينرز قبضي ۾ وٺڻ کان پوءِ ڊرائيورن کي پريشان حال ڇڏي ڏيندي آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي 4 آڪٽوبر تي اسلام آباد طرف مارچ کي روڪڻ جي لاءِ حڪومتي قدمن جا اثر ملڪ جي مُک بندرگاهه ڪراچي تائين پهچي ويا آهن. جتي مال بردار ڪنٽينرز جو وڏو تعداد جمع ٿي ويو آهي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
آچر 04 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 21ربيع الثاني 1448ھ

سنڌ جي وحدت ۽ جمهوري رستو

سنڌ جي ورهاست بابت وقت بوقت سامهون ايندڙ تجويزون رڳو هڪ انتظامي تبديلي جو سوال نه آهن، پر انهن جو تعلق سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، ثقافت، ٻولي، وسيلن ۽ ماڻهن جي اجتماعي احساسن سان به جڙيل آهي. حيدرآباد ۾ هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان جي اجلاس دوران سنڌ جي ورهاست واري تجويز کي رد ڪندي سياسي ۽ جمهوري جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان پڻ ان ئي پسمنظر ۾ اهم بحث کي جنم ڏئي ٿو. اجلاس ۾ ايچ آر سي پي جي چيئرپرسن اسد اقبال بٽ سميت مختلف اڳواڻن سنڌ جي وحدت، انساني حقن، جمهوري روين ۽ سياسي ڳالهين جي ضرورت تي زور ڏنو.

سنڌ پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ اهم سياسي ۽ آئيني ڪردار ادا ڪندڙ صوبو رهيو آهي. سنڌ اسيمبلي 1943ع ۾ پاڪستان جي قيام جي حق ۾ قرارداد منظور ڪئي هئي، تنهن ڪري سنڌ بابت ڪنهن به اهڙي تجويز تي بحث ڪندي ان جي تاريخي حيثيت ۽ ماڻهن جي اجتماعي راءِ کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. انتظامي جوڙجڪ ۾ تبديلي ڪنهن به صورت ۾ عوام جي خواهشن، آئيني اصولن ۽ جمهوري رضامندي کان مٿانهين نٿي ٿي سگهي. جيڪڏهن ڪنهن علائقي جي انتظامي مسئلن جو حل گهربل هجي ته ان لاءِ مقامي حڪومتن کي مضبوط ڪرڻ، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ، بهتر انتظام ۽ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جهڙا رستا موجود آهن.

سنڌ جي ورهاست جو سوال خاص طور تي ان وقت وڌيڪ حساس بڻجي وڃي ٿو، جڏهن ان کي سياسي نعريبازي يا هڪ ٻئي خلاف نفرت پيدا ڪرڻ جو ذريعو بڻايو وڃي. ڪنهن به صوبي اندر رهندڙ مختلف ٻولين، قومن ۽ برادرين وچ ۾ اعتماد قائم رکڻ جمهوري رياست جي بنيادي ذميواري آهي. اختلاف راءِ هر جمهوري معاشري جو حصو آهي، پر اختلاف کي دشمني ۽ نفرت ۾ تبديل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ سياسي قيادت، سول سوسائٽي، دانشورن ۽ ميڊيا کي ذميوار ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

سنڌ جي ورهاست بابت بحث ۾ هڪ ٻيو اهم پاسو اهو آهي ته اهڙا معاملا رڳو جذبات جي بنياد تي نه، پر آئين، قانون، عوامي نمائندگي ۽ سياسي اتفاق راءِ جي اصولن تحت ڏسڻ گهرجن. جيڪڏهن ڪنهن تجويز تي مختلف ڌرين جا مختلف موقف آهن ته انهن کي پرامن نموني سامهون اچڻ جو حق حاصل آهي، پر ڪنهن به ڌر کي پنهنجي راءِ ٻين تي مسلط ڪرڻ يا نفرت کي هٿي ڏيڻ جو حق نه هجڻ گهرجي. جمهوري نظام جي خوبصورتي ئي اها آهي ته اختلافن جو حل طاقت بدران ڳالهين، پارلياماني عمل ۽ آئيني طريقيڪار ذريعي ڪڍيو وڃي.

اجلاس دوران بلوچستان جي صورتحال بابت به ڳالهين ۽ حڪومتي پاليسين تي نظرثاني جي ضرورت تي زور ڏنو ويو. ملڪ جي مختلف حصن ۾ پيدا ٿيندڙ سياسي ۽ سماجي بيچيني مان اهو سبق ملي ٿو ته ماڻهن جي مسئلن کي نظرانداز ڪرڻ سان فاصلا وڌن ٿا، جڏهن ته ڳالهين، انصاف ۽ برابري سان اعتماد بحال ڪري سگهجي ٿو. رياست ۽ عوام وچ ۾ مضبوط تعلق لاءِ سياسي اختلافن کي دٻائڻ بدران انهن کي ٻڌڻ ۽ آئيني دائري اندر حل ڪرڻ ضروري آهي.

انساني حقن جو سوال به سنڌ جي وحدت واري بحث کان الڳ نٿو ڪري سگهجي. اظهار راءِ، پرامن احتجاج، سياسي سرگرمي ۽ اختلاف جو حق جمهوري سماج جا بنيادي اصول آهن. جيڪڏهن ڪنهن شهري يا سياسي گروهه کي ڪنهن پاليسي تي اعتراض آهي ته ان کي پرامن طريقي سان پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جو حق ملڻ گهرجي. ساڳئي وقت احتجاج ۽ سياسي سرگرمي دوران قانون ۽ ٻين شهرين جي حقن جو احترام پڻ ضروري آهي. حقن ۽ ذميوارين جو اهو توازن ئي مضبوط جمهوري معاشري جي سڃاڻپ آهي.

سنڌ جي وحدت بابت سنڌ جي ماڻهن ۾ موجود جذبات کي سمجهڻ سان گڏ اهو به ضروري آهي ته سنڌ اندر رهندڙ سمورن ماڻهن کي برابر شهري حيثيت، تحفظ، روزگار، تعليم، صحت ۽ انصاف جا موقعا فراهم ڪيا وڃن. صرف نعرا سنڌ کي مضبوط نٿا بڻائي سگهن: سنڌ کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ادارن جي سڌاري، ڪرپشن جي خاتمي، قانون جي حڪمراني، وسيلن جي شفاف استعمال ۽ عام ماڻهوجي زندگي بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي. اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ جي سياسي ۽ سماجي مستقبل بابت هر بحث کي نفرت بدران دليل، ٽڪراءَ بدران ڳالهين ۽ جذبات بدران آئيني ۽ جمهوري اصولن سان اڳتي وڌايو وڃي. سنڌ جي وحدت بابت ڪنهن به فيصلي جو بنياد عوام جي مرضي، آئيني دائري ۽ جمهوري اتفاق راءِ هجڻ گهرجي. ساڳئي وقت سنڌ جي اندر موجود محرومين ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا، ڇاڪاڻ ته مضبوط ۽ خوشحال سنڌ ئي پنهنجي تاريخي، ثقافتي ۽ سياسي حيثيت کي وڌيڪ مضبوط ڪري سگهي ٿي.

ٽڪراءَ بدران ڳالهين جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي

عبدالمجيد نائچ

ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال کي جيڪڏهن رڳو 4 آڪٽوبر تي ٿيندڙ يا نه ٿيندڙ لانگ مارچ جي سوال تائين محدود ڪيو وڃي ته شايد اصل بحران جي سنگيني نظرانداز ٿي وڃي. 27 سيپٽمبر جو احتجاج ملتوي ٿيڻ سان ڪجهه وقت لاءِ سياسي ماحول ۾ ڇڪتاڻ ضرور گهٽ ٿي، پر نئين تاريخ جي اعلان اهو واضح ڪري ڇڏيو آهي ته تحريڪ انصاف جي احتجاجي حڪمت عملي اڃا ختم نه ٿي آهي. تنهنڪري ايندڙ ڏينهن جو سڀ کان اهم سوال اهو نه هجڻ گهرجي ته لانگ مارچ روڊن تي ايندو يا نه، پر اهو هجڻ گهرجي ته ڇا ان کان اڳ حڪومت ۽ پي ٽي آءِ وچ ۾ اهڙي سياسي ڳالهه ٻولهه ممڪن بڻجي سگهي ٿي، جيڪا ملڪ کي هڪ نئين ٽڪراءَ کان بچائي سگهي.

حقيقت اها آهي ته وفاق ۽ خيبر پختونخوا حڪومت وچ ۾ اختلاف هاڻي سياسي بيانن کان اڳتي وڌي چڪا آهن. وفاقي حڪومت جا وزير صوبائي حڪومت تي تحريڪ طالبان پاڪستان ۽ طالبان سان لاڳاپن، دهشتگردن جي مبينا سرپرستي ۽ امن امان بابت سنگين سوال اٿاري رهيا آهن. ٻئي طرف وفاق طرفان گورنر راڄ، صوبائي اسيمبلي ٽوڙڻ يا موجوده صوبائي حڪومت جي خاتمي جا امڪان به سياسي بحث جو حصو بڻجي چڪا آهن. خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي پڻ اهو موقف ڏئي چڪا آهن ته موجوده حالتن ۾ گورنر راڄ ڪانسواءِ صورتحال کي سنڀالڻ ڏکيو ٿي سگهي ٿو، جڏهن ته پيپلز پارٽي جو مجموعي سياسي موقف گورنر راڄ جي مخالفت تي ٻڌل رهيو آهي. پر سوال اهو آهي ته ڇا ڪنهن صوبي جي چونڊيل حڪومت کي ختم ڪرڻ سان اهي مسئلا واقعي ختم ٿي ويندا، جن جو بنياد سياسي کان وڌيڪ انتظامي، معاشي ۽ امن امان جي بحرانن ۾ آهي؟ خيبر پختونخوا اڳ ئي دهشتگردي جي سنگين خطري، سياسي ڇڪتاڻ ۽ حڪمراني جي مسئلن سان منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي ماحول ۾ سياسي ڍانچي کي وڌيڪ لوڏڻ سان استحڪام پيدا ٿيڻ بدران صورتحال وڌيڪ پيچيده ٿيڻ جو خدشو موجود آهي. سياسي خال پيدا ٿيندو ته ان مان فائدو انهن عنصرن کي به ملي سگهي ٿو، جيڪي اڳ ئي امن امان لاءِ خطرو بڻيل آهن.

جيڪڏهن وفاق جو بنيادي اعتراض اهو آهي ته خيبر پختونخوا حڪومت دهشتگردي کي روڪڻ ۾ گهربل ڪارڪردگي ڏيکارڻ ۾ ناڪام رهي آهي، ته پوءِ ساڳيو سوال ملڪ جي ٻين دهشتگردي متاثر علائقن بابت به اٿڻ گهرجي. بلوچستان به ڏکي عرصي کان دهشتگردي ۽ بدامني جي مسئلي کي منهن ڏئي رهيو آهي، جڏهن ته اتي پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ ن سان لاڳاپيل حڪومت موجود آهي. ان ڪري دهشتگردي کي رڳو ڪنهن هڪ صوبي يا هڪ سياسي جماعت جي حڪومت سان ڳنڍي ڏسڻ بدران ملڪ گير حڪمت عملي جي ضرورت آهي. امن امان اهڙو مسئلو آهي، جنهن لاءِ وفاق ۽ صوبن کي هڪ ئي معيار، گڏيل پاليسي ۽ گڏيل ذميواري سان اڳتي وڌڻو پوندو.

ملڪ جي سياسي تاريخ اهو سبق ڏئي ٿي ته اختلافن جو انتظامي دٻاءَ ذريعي خاتمو گهڻو ڪري عارضي ثابت ٿيندو آهي. سياسي مخالفت کي انتظامي قدم سان خاموش ڪرائڻ ممڪن هجي ٿو، پر ان سان اختلاف جي بنيادي سببن جو خاتمو نٿو ٿئي. ان ڪري گورنر راڄ يا اسيمبلي جي خاتمي جهڙن قدمن تي بحث کان اڳ اهو ڏسڻ ضروري آهي ته سياسي ڳالهين جا سڀ امڪان واقعي ختم ٿي چڪا آهن يا اڃا به ڪنهن مفاهمتي رستي جي گنجائش موجود آهي. ڳالهين جي ضرورت جو مطلب اهو هرگز ناهي ته حڪومت پنهنجي سموري موقف تان هٿ کڻي يا پي ٽي آءِ پنهنجا سمورا سياسي مطالبا واپس وٺي. ڳالهين جو بنيادي مقصد اهو هوندو آهي ته اختلافن کي ٽڪراءَ ۾ تبديل ٿيڻ کان روڪيو وڃي. ان لاءِ ٻنهي ڌرين کي پنهنجي پنهنجي سياسي دائري اندر اهڙي گنجائش پيدا ڪرڻي پوندي، جتي موقف برقرار رکندي به مسئلن تي ڳالهائي سگهجي.

اهڙي ذميواري رڳو حڪومت جي ڪلهن تي رکڻ به مناسب نه هوندو. تحريڪ انصاف کي به اهو طئي ڪرڻو پوندو ته احتجاج جي سياست ڪهڙي حد تائين سياسي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهي ٿي ۽ ڪهڙي مرحلي تي اها ئي حڪمت عملي سياسي نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿي. احتجاج جمهوري سياست جو تسليم ٿيل حق آهي، پر احتجاج جو انداز اهڙو هجڻ گهرجي، جنهن سان عام زندگي، معيشت، امن امان ۽ ادارن تي غيرضروري دٻاءُ نه پوي. سياسي طاقت جو اظهار ۽ سياسي نظام کي مفلوج ڪرڻ ۾ فرق رکڻو پوندو.

ٻئي طرف حڪومت کي به اهو سمجهڻ جي ضرورت آهي ته ڳالهين جي دعوت ۽ مسلسل سياسي دٻاءُ هڪ ئي وقت هلڻ سان اعتماد جو ماحول پيدا ڪرڻ ڏکيو ٿيندو. جيڪڏهن مخالف ڌر سان ڳالهين جي ڳالهه ڪئي وڃي، پر ساڳئي وقت گرفتاريون، سخت سياسي بيان ۽ دٻاءَ جا طريقا جاري رهن ته پوءِ مفاهمت جي عمل لاءِ گهربل اعتماد ڪيئن پيدا ٿيندو؟ باني پي ٽي آءِ جي ڀينرن جون گرفتاريون پڻ اهڙي ماحول ۾ سياسي تڪرار کي وڌيڪ حساس بڻائين ٿيون. سياسي بحران جو حل سياسي ڳالهين مان تڏهن ئي نڪري سگهي ٿو، جڏهن ٻنهي ڌرين کي پنهنجي موقف ۾ مناسب لچڪ ڏيکارڻ ۽ عزت سان پوئتي هٽڻ جي گنجائش حاصل هجي.

پي ٽي آءِ جي اندروني صورتحال پڻ هن سڄي معاملي کي سمجهڻ لاءِ اهم آهي. پارٽي اندر اهڙا حلقا موجود آهن، جيڪي وڌيڪ محاذ آرائي بدران ڪنهن حد تائين سياسي مفاهمت جا حامي نظر اچن ٿا. جڏهن ته ٻئي پاسي اهو خيال پڻ موجود آهي ته اڳوڻين مفاهمتي ڪوششن مان گهربل نتيجا حاصل نه ٿيا، تنهنڪري سخت سياسي مزاحمت ئي اثرائتو رستو آهي. خيبر پختونخوا اندر پارٽي جا اندروني اختلاف به ان جي حڪمت عملي تي اثر وجهي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ 4 آڪٽوبر بابت فيصلو صرف حڪومت سان تعلقات جو مسئلو نه هوندو، پر خود پي ٽي آءِ جي اندر موجود سياسي سوچن جي توازن جو به امتحان هوندو.

بهرحال، سياسي بحران جو ڪو پائيدار رستو ان وقت تائين نٿو نڪري سگهي، جيستائين ٻنهي ڌرين مان هر هڪ پنهنجي سياسي مقصد کي ٻئي جي مڪمل شڪست سان نه جوڙي. حڪومت جيڪڏهن چاهي ٿي ته احتجاجي سياست جي شدت گهٽجي، ته پوءِ قانون ۽ آئين جي دائري اندر مخالف ڌر جي جائز مطالبن تي سنجيده ڳالهه ٻولهه ڪرڻي پوندي. ساڳئي وقت پي ٽي آءِ کي به اهو فيصلو ڪرڻو پوندو ته هر اختلاف جو جواب روڊن تي طاقت جي مظاهري سان ڏيڻ بدران ڪهڙن معاملن ۾ پارلياماني ۽ سياسي رستو اختيار ڪري سگهجي ٿو. خيبر پختونخوا کي هن وقت وڌيڪ سياسي آزمائشن کان وڌيڪ انتظامي ۽ سياسي استحڪام جي ضرورت آهي. هڪ طرف دهشتگردي جو خطرو موجود هجي ۽ ٻئي طرف وفاق ۽ صوبائي حڪومت هڪ ٻئي سان سياسي جنگ ۾ مصروف هجن ته اهڙي صورتحال ۾ عوامي مسئلن تي توجهه ورهائجي ويندي. سياسي اختلافن کي حب الوطني جي معيار سان ماپڻ، مخالفن تي غداري يا ملڪ دشمني جا الزام هڻڻ، يا پاڪستان ۽ افغانستان مان ڪنهن هڪ کي چونڊڻ جهڙي زبان اختيار ڪرڻ سان ڳالهين لاءِ موجود جاءِ وڌيڪ محدود ٿيندي.

پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ لانگ مارچ، احتجاج ۽ ڌرڻا بار بار سامهون آيا آهن. اختلاف جو اظهار جمهوريت جو حصو آهي، پر هر احتجاج کي رياست خلاف جنگ سمجهڻ به مسئلن کي حل نٿو ڪري. ساڳيءَ طرح هر سياسي اختلاف کي عدالتن تائين کڻي وڃڻ به ان ڳالهه جو اشارو آهي ته سياسي ڌريون ڪيترن ئي معاملن کي سياسي فورمن تي حل ڪرڻ جي صلاحيت وڃائي رهيون آهن. مضبوط سياسي نظام لاءِ ضروري آهي ته پارليامينٽ ۽ سياسي ڳالهين جا دروازا فعال رهن ۽ عدالتن کي سياسي تڪرارن جو مستقل متبادل نه بڻايو وڃي. 4 آڪٽوبر کي هڪ نئين سياسي محاذ آرائي جي علامت بڻائڻ بدران ان کان اڳ ڳالهين لاءِ استعمال ڪرڻ جو امڪان اڃا موجود آهي. اهڙي ڳالهه ٻولهه ۾ لازمي طور ٻنهي ڌرين کي ڪجهه معاملن تي اڳتي وڌڻو ۽ ڪجهه معاملن تي پنهنجي موقف ۾ گنجائش پيدا ڪرڻي پوندي. مفاهمت جو مطلب ڪنهن ڌر جي سياسي هار ناهي؛ ان جو مقصد اختلافن کي اهڙي نموني منظم ڪرڻ آهي، جو رياست، معيشت، امن امان ۽ جمهوريت کي وڌيڪ نقصان کان بچائي سگهجي.

هن وقت ملڪ کي سياسي قوتن جي توانائي هڪ ٻئي کي ڪمزور ڪرڻ بدران دهشتگردي، حڪمراني، معاشي استحڪام ۽ سياسي بي يقيني جهڙن مسئلن تي خرچ ڪرڻ جي ضرورت آهي. حڪومت ۽ مخالف ڌرجا اختلاف پنهنجي جاءِ تي برقرار رهي سگهن ٿا، پر انهن اختلافن کي اهڙي سطح تائين وٺي وڃڻ ضروري ناهي، جتي سياسي مقابلو ملڪ جي استحڪام لاءِ نئون مسئلو بڻجي وڃي. سياسي اختلاف ختم نه به ٿين، تڏهن به انهن کي ڳالهين، آئين ۽ جمهوري طريقي سان منظم ڪري سگهجي ٿو. موجوده بحران ۾ شايد سڀ کان اهم ضرورت به انهيءَ سياسي گنجائش کي زندهه رکڻ آهي.

گڏيل قومن جي مفلوجي

ايوب ملڪ

24 آڪٽوبر 2026ع تي گڏيل قومن جو ادارو پنهنجي قيام جا 81 سال مڪمل ڪري رهيو آهي. جيتوڻيڪ گڏيل قومن جو ادارو 1945ع ۾ وجود ۾ آيو، پر امن ۽ سلامتيءَ لاءِ هڪ عالمي تنظيم جي ضرورت تاريخي طور 14هين صديءَ کان ئي محسوس ڪئي پئي وئي. ان کانپوءِ 1665ع ۾ هيگو گروٽيش پنهنجي مشهور ڪتاب 'جنگ ۽ امن جو قانون' لکيو. جڏهن ته وليم پين 1693ع ۾ يورپ جي پارليامينٽ جو تصور پيش ڪيو. ڪانٽ دائمي امن لاءِ ڪجهه تجويزون پيش ڪيون ۽ روسو يورپ جي وفاق جو ماڊل ڏنو. اهڙيءَ طرح عالمي امن لاءِ ڪوشش جو اهو سلسلو 1899ع ۽ 1907ع جي هيگ ڪانفرنسن کان ٿيندو، قومن جي ليگ جي قيام ۽ پوءِ جنگين کي روڪڻ ۾ ان جي ناڪاميءَ کانپوءِ هڪ نئين عالمي اداري، گڏيل قومن جو وجود عمل ۾ آيو.

اڄ ٽرمپ گڏيل قومن جي فورم تي ٻيهر ايران کي ختم ڪرڻ ۽ ان کي جهنم ڏانهن ڌڪڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، جيڪي دراصل نسل ڪشيءَ جي زمري ۾ اچن ٿيون. ان کان اڳ به ٽرمپ گڏيل قومن کي "ڪوڪلن لفظن سان ڀريل ادارو" قرار ڏئي چڪا آهن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته گڏيل قومن جو ادارو ڪيترن ئي موقعن تي مفلوج ٿيندو رهيو آهي، پر ساڳئي اداري انساني حقن جو منشور منظور ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ انساني حقن واري ڪائونسل قائم ٿي، جتي هر سال جنيوا ۾ ٿيندڙ اجلاس دوران مختلف ملڪن ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين بابت رپورٽون پيش ڪيون وينديون آهن.

ان سان گڏ گڏيل قومن جا اهلڪار ڏکڻ سوڊان ۾ خيمن اندر راتيون گذارين ٿا، جمهوريه ڪانگو ۾ گڏيل قومن جا اهلڪار پنهنجي جان خطري ۾ وجهي ايبولا جي وبا خلاف مسلسل جدوجهد ڪن ٿا ۽ يمن ۾ هٿياربندن جي سامهون بيهڻ جي همت رکن ٿا. يونيسيف ويڪسين ۽ دستن جي بهتر علاج ذريعي اڍائي ڪروڙ انساني جانيون بچايون آهن ۽ اهو سلسلو اڄ به جاري آهي. گذريل سال گڏيل قومن جا 136 ملازم امدادي سرگرمين دوران پنهنجون جانيون وڃائي ويٺا. غزه ۾ گڏيل قومن جا اهلڪار مسلسل امداد ورهائي رهيا آهن، جڏهن ته ان جي ابتڙ صدر ٽرمپ اسرائيل کي 2 هزار پائونڊ وزني بم فراهم ڪيا آهن، جيڪي رهائشي علائقن جي تباهيءَ لاءِ استعمال ڪيا پيا وڃن. ان باوجود اڄ به گڏيل قومن جا اهلڪار غزه ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ اسرائيلي چوڪين تان امدادي سامان گذارڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن.

ٻئي طرف يو ايس ايڊ جي آمريڪي امداد ۾ گهٽتائي سبب هڪ اندازي موجب 7 لک 50 هزار انساني جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن. اڄ جيڪڏهن يونيسيف، عالمي خوراڪ پروگرام، گڏيل قومن جو پناهگيرن وارو ادارو ۽ گڏيل قومن جو انساني امداد بابت رابطا آفيس (اوچا) موجود نه هجن ها ته هر سال وڌيڪ لکين ٻار موت جو شڪار ٿين ها.

ياد رکڻ گهرجي ته ٻي عالمي جنگ کانپوءِ گڏيل قومن جي قيام ۾ آمريڪا اهم ڪردار ادا ڪيو هو، جنهن سان عالمي امن، سهڪار ۽ اتحاد جي عمل کي هٿي ملي. پر اڄ گڏيل قومن بابت مايوس ڪندڙ رويا به آمريڪا ئي سبب سامهون اچي رهيا آهن. تاريخ شاهد آهي ته 1945ع ۾ گڏيل قومن جي قيام کان فوراً پوءِ آمريڪا ۽ يورپي ملڪن گڏجي 1947ع ۾ گيٽ معاهدي تحت عالمي واپار کي ضابطي ۾ آڻڻ شروع ڪيو، پر ان ۾ ٽين دنيا جي ملڪن سان واپار يا انهن جي صنعتي ترقي بابت ڪو ذڪر نه هو. ان دوران دنيا جا اهي ملڪ، جن جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن ۾ سوويت يونين مدد ڪئي هئي، گڏيل قومن جا ميمبر بڻجڻ شروع ٿيا ۽ اهڙيءَ طرح 1960ع تائين ميمبر ملڪن جو انگ 60 مان وڌي 99 تي ويو، جنهن سبب گڏيل قومن جي ادارن تي آمريڪا پنهنجو تسلط برقرار نه رکي سگهيو.

ان کانپوءِ گڏيل قومن جي سرپرستيءَ هيٺ عالمي واپار، بنيادي شين جي واپار ۽ اتر ۽ ڏکڻ جي ملڪن وچ ۾ نون سرن سان اقتصادي لاڳاپن جو مطالبو زور وٺڻ لڳو. اهڙيءَ طرح سوويت يونين جي مدد سان گڏيل قومن جي ڇٽيءَ هيٺ انڪٽاڊ ۽ يونائيڊو جهڙا ادارا قائم ڪيا ويا، جن ذريعي ٽين دنيا جي ملڪن ۾ تحقيق، تربيت ۽ ٽيڪنالاجي جي منتقلي جهڙا قدم کنيا ويا. انهن قدمن سان جي ايس پي جي نفاذ لاءِ رستو هموار ٿيو.

ٽين دنيا جي ملڪن کي قرضن ۾ رليف ڏيڻ لاءِ پيرس ڪلب قائم ڪئي وئي ۽ 1991ع تائين ٽين دنيا جي 50 غريب ملڪن کي 6.5 ارب ڊالرن جي قرضن ۾ رليف ڏنو ويو. پر سوويت يونين جي خاتمي سان ئي ترقي يافته ملڪن گڏيل قومن جي سرپرستيءَ هيٺ ڪم ڪندڙ انهن ادارن کي تباهه ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي ٽين دنيا لاءِ پاليسيون جوڙيندا هئا، ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

عالمي مبصر ايندڙ وقت ۾ گڏيل قومن جي اداري جي وڌيڪ ابتري جا امڪان ڏسي رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته گڏيل قومن کي هن سال نئون سيڪريٽري جنرل چونڊڻو آهي. ان لاءِ اهڙي بيباڪ ۽ شعور سان مالامال اڳواڻ جي ضرورت آهي، جيڪو هن عالمي اداري کي استعمال ڪندي دنيا ۾ جنگين ۽ انساني بحرانن کي منهن ڏئي سگهي. پر لڳي ٿو ته ٽرمپ ڪنهن اهڙي اميدوار تي ڪڏهن به متفق نه ٿيندو ۽ ممڪن آهي ته ڪنهن اهڙي غيرمعروف شخص تي اتفاق ڪري، جنهن جي نتيجي ۾ هي ادارو وڌيڪ زوال جو شڪار ٿئي ۽ ايبولا جهڙيون وڌيڪ وبائون به اپرن، جنگين جو خطرو وڌي ۽ اٺ ارب انسانن جو هي ڌرتيءَ جو گولو وڌيڪ اونداهيءَ جي ور چڙهي وڃي.

اڄ دنيا ۾ تيل جون قيمتون تيزيءَ سان وڌي رهيون آهن، ايران خلاف ٽرمپ جي جنگ يمن ۽ ٻاڙهي سمنڊ تائين پکڙجي چڪي آهي، جڏهن ته منشيات، وبائون، مصنوعي ذهانت، ڪمپيوٽر هيڪنگ، دهشتگردي، انساني اسمگلنگ، موسمياتي تبديليون ۽ غزه جي جنگ جون تباهه ڪاريون دنيا جي ملڪن کان گڏيل سهڪار تي ٻڌل ردعمل جو تقاضا ڪري رهيون آهن. گڏيل قومن جو ادارو ئي انهن مسئلن جي حل لاءِ اهڙو عالمي فورم فراهم ڪري ٿو. پر ٽرمپ انتظاميا ۽ ان جا اتحادي ملڪ گڏيل قومن کي مسلسل پوئتي ڌڪي رهيا آهن، جنهن سبب هي ادارو لڳ ڀڳ غيرمؤثر بڻجي ويو آهي. ان ڪري ٽين دنيا جي ملڪن کي گهرجي ته اهي متحد ٿي، چين ۽ روس جي مدد سان گڏيل قومن جي اداري جي وقار کي ٻيهر بحال ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪن، جيئن آمريڪا جي عالمي بالادستيءَ وارين پاليسين جو مقابلو ڪري سگهجي.

بقايا *** 01

س رليز موجب، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ڪراچي جي ماڻهن کي پاڻي فراهم ڪرڻ ۽ شهر جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ پاڪستان پيپلزپارٽي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهن. هن چيو ته هي تاريخي منصوبو نه رڳو ڪراچي جي صنعتي ۽ آبادي وارن علائقن جي پاڻي جي ضرورتن کي پورو ڪندو پر شهر، سمنڊ ۽ پاڻي جي ذخيرن ۾ آلودگي کي گهٽائڻ ۾ پڻ مدد ڪندو. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڪراچي لاءِ اسان جي اولين ترجيح پاڻي جي مسئلي کي حل ڪرڻ آهي. هن چيو ته سڄو ملڪ ۽ خاص طور تي سنڌ پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيو آهي. جڏهن ته سنڌ کي پاڻي جي حصيداري جي معاهدي مطابق پنهنجو پورو حصو نه ملي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڻي فراهم ڪرڻ بدران، مٿانهين علائقن ۾ اهڙا منصوبا شروع ڪيا پيا وڃن جنهن جي ڪري سنڌ ۽ خاص طور تي ڪراچي پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته پاڻي معاهدي ۾ ڪراچي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ سنڌ کي اضافي پاڻي فراهم ڪرڻ جو به واضح ذڪر آهي، پر ڪراچي سميت سنڌ کي به ان جي جائز حقن کان محروم ڪيو پيو وڃي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڻي جي مسئلي تي ڳالهائيندي چيو ته مشڪلاتن جي باوجود، سنڌ حڪومت ۽ خاص طور تي ڪي ايم سي ڪراچي ۾ موجود پاڻي کي ممڪن حد تائين محفوظ ۽ استعمال لائق بڻائڻ کي ترجيح ڏني آهي. ان سلسلي ۾، ڪجهه مهينا اڳ، ڪياماڙي ۾ 25 ملين گيلن في ڏينهن پاڻي صاف ڪرڻ جي سهولت جو افتتاح ڪيو ويو هو، جنهن ۾ وڌيڪ 55 ملين گيلن في ڏينهن اضافو ڪيو ويندو. هن چيو ته اڄ هڪ تاريخي منصوبي جو افتتاح ڪيو پيو وڃي. ڪراچي جو سائيٽ انڊسٽريل ايريا پاڪستان، ڪراچي ۽ ملڪ جي معيشت لاءِ روزگار ۽ معاشي سرگرمين جو هڪ اهم مرڪز آهي. منصوبي جي پهرين مرحلي ۾، 35 ملين گيلن في ڏينهن پاڻي صاف ڪرڻ جي سهولت قائم ڪئي پئي وڃي، جيڪا سائيٽ انڊسٽريل ايريا جي پاڻي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ڪندي. هن چيو ته منصوبي جي ٻئي مرحلي ۾، وڌيڪ 65 ملين گيلن پاڻي صاف ڪيو ويندو، جنهن کان پوءِ ڪل گنجائش 100 ملين گيلن روزانو تائين پهچي ويندي. هن چيو ته هن منصوبي جو هڪ اهم فائدو اهو به ٿيندو ته گندو پاڻي صاف ڪري استعمال لائق بڻايو ويندو، جنهن سان سمنڊ ۽ پاڻي ۾ آلودگي کي گهٽائڻ ۾ پڻ مدد ملندي. چيئرمين بي بي چيو ته لياري لاءِ پاڻي جي فراهمي جو منصوبو پڻ غور هيٺ آهي، جڏهن ته اميد آهي ته لياري جي ماڻهن کي 10 ملين گيلن اضافي پاڻي فراهم ڪرڻ جو منصوبو به 20 آڪٽوبر تائين مڪمل ٿي ويندو. ساڳئي طرح، ڊي ايڇ اي کي 10 ملين گيلن پاڻي فراهم ڪيو ويندو، جڏهن ته، اهو پاڻي لياري جي ماڻهن کي گهٽ قيمت تي فراهم ڪيو ويندو. هن چيو ته اسان جو مقصد ڪنهن هڪ علائقي لاءِ نه پر سڄي شهر جي ماڻهن لاءِ ڪم ڪرڻ آهي. اسان کي ڪراچي جي ماڻهن جي بنيادي مسئلن جو حل ڳولڻو آهي ۽ هر علائقي ۾ بنا ڪنهن فرق جي ترقياتي ڪم ڪرڻا آهن. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي واحد پارٽي آهي جنهن هميشه ڪراچي کي ترجيح ڏني آهي ۽ شهر جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن چيو ته هو پاڻ ڪراچي ۾ پيدا ٿيو هو ۽ سندس ماءُ شهيد محترمه بينظير ڀٽو به ساڳئي شهر ۾ پيدا ٿي هئي. تنهن ڪري ڪراچي سندس پنهنجو شهر آهي ۽ هو ان جي خدمت ڪندو رهندو. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته وفاق ۾ وينل اسان جا دوست ۽ اتحادي ڪراچي جي مسئلن تي تبصرو ڪرڻ پسند ڪن ٿا، پر حقيقت اها آهي ته سڄي سنڌ ۽ خاص طور تي ڪراچي سان وفاق طرفان مسلسل ناانصافي ڪئي وئي آهي. هن چيو ته ڪراچي کي پاڻي نٿو ملي، گئس نٿي ملي، جيتوڻيڪ گئس هن صوبي ۾ پيدا ٿئي ٿي. آئين موجب، انهن وسيلن تي پهريون حق انهن علائقن جي ماڻهن جو آهي جتي قدرتي وسيلا پيدا ٿين ٿا، پر سنڌ پنهنجي جائز حقن کان محروم آهي. ان جي باوجود، اسان تنقيد ٻڌندا رهون ٿا ۽ پنهنجو ڪم جاري رکون ٿا. هن چيو ته وفاقي حڪومت هن منصوبي ۾ 50 سيڪڙو خرچ برداشت ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو، پر اهو واعدو پورو نه ٿيو هڪ پيرو بيهن. ڪراچي سان ڪيل واعدو نٿي ويو. جنهن کان پوءِ سنڌ حڪومت، ڪي ايم سي ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ذريعي هن منصوبي کي مڪمل ڪرڻ جو رستو ڳولي لڌو ويو. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڪي-4 منصوبي ۾ وفاق جو به اهم ڪردار آهي. گذريل ڏينهن وزيراعظم ميان شهباز شريف سان ملاقات ۾ هن زور ڏنو هو ته جيڪڏهن "شهباز اسپيڊ" جي ضرورت آهي ته اها ڪراچي جي ڪي-4 منصوبي ۾ آهي. افسوس جي ڳالهه آهي ته اڄ تائين ڪي-4 کي اها اهميت نه ڏني وئي آهي جيڪا ڪراچي کي گهرجي. هن چيو ته ساڳئي طرح سکر-حيدرآباد موٽروي به هڪ اهم منصوبو آهي. ملڪ جي ٻين علائقن ۾ موٽر وي ناهي سگهجن ٿا، پر جڏهن سکر-حيدرآباد موٽروي جي ڳالهه اچي ٿي ته اهو منصوبو اڳتي نه ٿو وڌي. هي موٽر وي ڪراچي کي ملڪ جي معيشت سان ڳنڍيندي ۽ ان جي مڪمل ٿيڻ سان پوري ملڪ جي معيشت کي فائدو ٿيندو. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال تي ڳالهائيندي چيو ته ڪراچي ننڍو پاڪستان آهي ۽ ملڪ جي هر شهر ۽ صوبي سان ڳنڍيل آهي. خاص طور تي جيڪڏهن خيبرپختونخواهه ۾ ڪو مسئلو پيدا ٿئي ٿو ته ان جا اثر ڪراچي تائين پهچن ٿا. هن چيو ته بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردي خلاف صورتحال آهي، جيڪڏهن دهشتگردي تي ضابطو نه آندو ويو ته ان جا اثر ڪراچي سميت ملڪ جي ٻين حصن تائين پهچي سگهن ٿا. انهيءَ ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي دهشتگردي کي هڪ تمام اهم قومي مسئلو سمجهي ٿي. هن زور ڏنو ته دهشتگردي کي سياسي نقط نظر کان نه ڏٺو وڃي، پر سڀني سياسي پارٽين ۽ رياستي ادارن کي ان کي قومي مسئلو سمجهڻ گهرجي ۽ گڏجي ان سان وڙهڻ گهرجي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته گذريل هڪ هفتي کان وفاقي حڪومت صدر آصف علي زرداري ۽ پيپلز پارٽي سان رابطي ۾ آهي، ڇاڪاڻ ته خيبر پختونخواهه ۾ مسلسل دهشتگرد واقعن ۽ افغانستان کان حملن جي ڪري صورتحال پريشان ڪندڙ آهي. انهن واقعن جي پويان هندستان جي ڪردار بابت به صورتحال واضح آهي. هن چيو ته وفاقي حڪومت خيبر پختونخواهه ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ تي غور ڪري رهي آهي. ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ آئين ۾ آئيني اختيار آهن، جن کي ضرورت پوڻ تي استعمال ڪري سگهجي ٿو پنهنجي تقرير جاري رکندي هن وڌيڪ چيو ته ان حوالي سان پيپلز پارٽي جو موقف اهو آهي ته آئيني اختيارن کي استعمال ڪرڻ کان اڳ هر ممڪن سياسي رستو اختيار ڪيو وڃي. سياسي پارٽين کي سياسي حل ڳولڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي جنهن ذريعي دهشتگردي کي وڌيڪ اثرائتي طريقي سان منهن ڏئي سگهجي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پي ٽي آءِ سميت سڀني سياسي پارٽين سان ڳالهيون ٿيڻ گهرجن. احتجاج ڪرڻ هر سياسي پارٽي جو حق آهي ۽ اسلام آباد ۾ جاري احتجاج ذريعي سياسي سطح تي ڪجهه ڪاميابي حاصل ٿي آهي، پر موجوده حالتن ۾، ملڪ کي درپيش دهشتگردي جي مسئلي کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. هن نشاندهي ڪئي ته هڪ طرف سياسي احتجاج جاري آهن ۽ ٻئي طرف خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردي جا واقعا مسلسل ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن صوبائي حڪومت دهشتگردي جي مسئلي کي گهربل اهميت نه ڏيندي ته اهڙي صورتحال ۾ وفاق آئيني قدم کڻڻ تي مجبور ٿي سگهي ٿو. هن چيو ته ان کان اڳ، پاڪستان پيپلزپارٽي سميت سڀئي سياسي پارٽيون پي ٽي آءِ سان رابطو ڪرڻ ۽ ان کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن ته هو پنهنجي لانگ مارچ ۽ احتجاج ذريعي حاصل ڪيل سياسي ڪاميابي کي تسليم ڪري ۽ هاڻي احتجاج ختم ڪري. پي پي پي چيئرمين چيو ته وفاقي ۽ خيبرپختونخواهه جي صوبائي حڪومتن وچ ۾ دهشتگردي خلاف هڪ باضابطه تحريري معاهدو ٿيڻ گهرجي ته ٻئي گڏجي دهشتگردي سان وڙهندا. هن زور ڏنو ته جيڪڏهن ڪو سياسي بحران يا سياسي اختلاف آهي ته انهن کي دهشتگردي ۽ قومي مفاد جي معاملن کان الڳ رکيو وڃي. سياسي معاملن تي سياسي پارٽين سان الڳ الڳ بحث ڪيو وڃي، جڏهن ته دهشتگردي خلاف قومي حڪمت عملي کي الڳ رکيو وڃي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اميد ظاهر ڪئي ته اسلام آباد ۾ موجود سڀئي سياسي پارٽيون جاري ڳالهين جي اهميت کي سمجهنديون. اهو پاڪستان ۽ سڀني صوبن، سياسي پارٽين ۽ جمهوريت جي مفاد ۾ آهي ته اسان هڪ گڏيل سياسي حل تي پهچون ته جيئن اهڙي صورتحال پيدا نه ٿئي جنهن ۾ دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ هنگامي حالتن جهڙا قدم کڻڻ جي ضرورت هجي. هن چيو ته دهشتگردي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڳاڙهي لڪير آهي. ڪارڪنن کان وٺي پيپلزپارٽي جي قيادت تائين، انهن دهشتگردي خلاف جدوجهد ۾ بيشمار قربانيون ڏنيون آهن. هن خبردار ڪيو ته بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ موجوده صورتحال سٺي ناهي ۽ جيڪڏهن صورتحال وڌيڪ خراب ٿي ته ان جا اثر انهن ٻنهي صوبن تائين محدود نه رهندا پر ڪراچي سميت سڄي ملڪ تي اثرانداز ٿيندا. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اسان جي خواهش آهي ته هن وقت سياسي پارٽين جي وچ ۾ جاري ڳالهيون ڪامياب ٿين ۽ ملڪ ۾ سياسي استحڪام اچي، سياسي عدم استحڪام نه. سياسي استحڪام جي صورت ۾، اسان دهشتگردي جو به مقابلو ڪنداسين ۽ اهڙا ترقياتي منصوبا جاري رکنداسين جيڪي ماڻهن جي حقيقي مسئلن کي حل ڪن. آخر ۾، بلاول ڀٽو زرداري سنڌ جي وڏي وزير، ميئر ڪراچي ۽ مقامي حڪومت جي نظام جي پوري ٽيم کي مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته ڪراچي ۾ پاڻي جي مسئلي تي پاڪستان پيپلزپارٽي جيترو ڪم ڪيو آهي، ايترو ڪم ڪنهن ٻئي ميئر نه ڪيو آهي. جيڪڏهن اهي منصوبا هن طرح مڪمل ٿين ٿا ته ڪراچي جي ماڻهن کي تمام گهڻو فائدو ٿيندو ۽ اهي واضح طور تي سمجهي سگهندا ته ڪير انهن لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ڪير انهن سان سياست ڪري رهيو آهي. تقريب ۾ وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب، صوبائي وزير، اسيمبلي ميمبر، مقامي حڪومت جا نمائندا، پارٽي عهديدار ۽ سياسي ۽ سماجي شخصيتون پڻ موجود هيون.

بقايا *** 02

ين لاءِ هڪ ڪروڙ روپيئن کان وڌيڪ جي مالي مدد جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف صوماليه ۾ فوت ٿي ويل پاڪستاني ڪاشف عمر جي پٽ اذهان ڪاشف سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ ساڻس تعزيت جو اظهار پڻ ڪيو انهي موقعي تي شهباز شريف فوت ٿي ويل ٽنهي پاڪستانين جي ٻارن لاءِ مفت تعليم، صحت جي سهولت ۽ رهائشگاهه ڏيڻ جو اعلان ڪيو. شهباز شريف فوت ٿي ويل پاڪستاني شهرين جي گهرڀاتين لاءِ هڪ ڪروڙ 25 لک روپيه في خاندان مالي مدد جو به اعلان ڪيو وزيراعظم پرڏيهي وزارت ۽ ٻين سمورن لاڳاپيل ادارن کي ڪاشف عمر ۽ 2 فوت ٿي ويلن جي خاندانن سان سڌو سنئون رابطي جي به هدايت ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 03

شهري شهيد ٿي ويا. سيڪيورٽي ذريعن موجب، ڀارتي بارڊر سيڪيورٽي فورسز پاڪ-ڀارت عالمي سرحد تي قصور پرسان 3 پاڪستاني شهرين تي فائرنگ ڪئي لدڙ ڳوٺ جا 3 پاڪستاني شهري بارڊر پلر کان ڪجهه قدم اڳتي وڌيا ته بي ايس ايف بنا ڪنهن وارننگ جي کين نشانو بڻايو. سيڪيورٽي ذريعن موجب، بنا جواز فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 شهري مارجي ويا ۽ هڪ ڇٽو زخمي ٿي پيو. ٽئي شهري غير هٿياربند هئا. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته شهيدن ۾ عظمت رسول ۽ محسن جٽ شامل آهن، جن جو تعلق جنان والي حويلي لدڙ سان آهي. ذريعن موجب، ڀارتي ميڊيا به فالس فليگ آپريشن واري روش برقرار رکندي معصوم شهرين کي درانداز قرار ڏئي ڇڏيو. جڏهن ته ٽنهي ماڻهن مان ڪنهن به بارڊر فينس پار ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي. سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته شهرين تي ڀارتي فورسز جي فائرنگ بارڊر معاهدي ۽ ايس او پيز جي کليل ڀڃڪڙي آهي.

بقايا *** 04

و پٽ رکي ڇڏيو پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب ان واڌ سان مسجد جي گنجائش ۾ واڌارو ٿيندو جڏهن ته وڌندڙ ضرورتن کي نظر ۾ رکندي نماز جي ادائگي لاءِ ڪشاديون ۽ بهتر سهولتون فراهم ڪيون وينديون.

بقايا *** 05

سينٽر واٽر اميدوارن جو تعداد، نمبرز، پاس ريٽ ۽ هاءِ اسڪورز جو تجزيو ڪرڻ جو چيو ويو آهي. صحت واري وزارت طرفان چيو ويو آهي ته ايم ڊي ڪيٽ مرڪز جي نتيجن ۾ غير معمولي يا نمايان فرق جي به جانچ ڪئي وڃي، خط ۾ حاضري شيٽ، سيٽنگ پلان، سينٽر رڪارڊ ۽ رزلٽ ڊيٽا جو جائزو وٺڻ جي به هدايت ڪئي وئي آهي. پي ايم ڊي سي کي ايم ڊي ڪيٽ جي انويجيليشن انتظام ۽ دستياب ڊيجيٽل رڪارڊ به چيڪ ڪرڻ جو چيو ويو آهي چيو ويو آهي ته اميدوار جي جڳهه ٻئي شخص جي امتحان ڏيڻ ۽ پيپرليڪيج جي الزامن جي به جاچ ڪئي وڃي، خط ۾ چيو ويو آهي ته طريقيڪار جي ڀڃڪڙي، ٽيڪنيڪي خرابي يا انتظامي غفلت جي به جانچ ڪئي وڃي. ايم ڊي ڪيٽ نتيجن جي تياري ۽ امتحان منعقد ڪرڻ بابت رپورٽون ۽ رڪارڊ حاصل ڪيا وڃن. وفاقي صحت واري وزارت پي ايم ڊي سي کي جاچ مڪمل ڪري 15 ڏينهن ۾ رپورٽ ڏيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 06

اڪرم راجه حڪومت سان ڳالهين بابت بريفنگ ڏني. بريفنگ ۾ واضح ڪيو ويو ته لانگ مارچ سان صوبائي حڪومت ۽ پي ٽي آءِ جي خلاف وفاق امڪاني طور تي قدم کڻي سگهي ٿو سياسي ۽ ڪور ڪميٽي جي اجلاس ۾ حڪومتي امڪاني قدم کان بچڻ لاءِ لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي پر وزيراعليٰ سهيل آفريدي لانگ مارچ ملتوي نه ڪرڻ جو فيصلو ڪندي اجلاس ۾ موقف اختيار ڪيو ته لانگ مارچ باني چيئرمين ئي ملتوي ڪري سگهي ٿو.

بقايا *** 07

ڪري سگهجن. وزيراعظم جي ويزن موجب بندرگاهي واپار بابت سمورين خدمتون هڪ ئي ڇت هيٺ دستياب هئڻ گهرجن. سامونڊي معاملن واري وزارت موجب وفاقي وزير اها هدايت سامونڊي معاملن واري وزارت جي جاري منصوبن ۽ قدمن جو جائزو وٺڻ لاءِ منعقد هفتيوار اجلاس دوران ڏني. اجلاس ۾ سامونڊي واپار کي آسان بڻائڻ، ماهيگيري جي شعبي کي مضبوط ڪرڻ ۽ ملڪ جي بليو اڪانامي (سامونڊي معيشت) کي هٿي ڏيڻ لاءِ مختلف منصوبن ۽ پاليسي قدمن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو. وفاقي وزير ڪاروباري سهولت لاءِ تجويز ڪيل ون ونڊو سيل تي ڪم تيز ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڀريندي چيو ته انهن قدمن جو مقصد بندرگاهن سان لاڳاپيل ڪاروبارن لاءِ حڪومتي خدمتن تائين رسائي کي آسان بڻائڻ آهي. هن چيو ته واپار ۾ آساني جي حوالي سان وزيراعظم جي ويزن موجب بندرگاهي واپار بابت سمورين خدمتون هڪ ئي ڇت هيٺ دستياب هئڻ گهرجن. اجلاس ۾ جهازن ۽ ماهيگيرن جي ٻيڙين جي رجسٽريشن واري عمل کي آسان بڻائڻ وارين تجويزن سان گڏوگڏ بليو اڪانامي ۽ ماهيگيري واريون شيون برآمد ڪندڙن لاءِ ٽيڪس رعايتن بابت قدمن جو پڻ جائزو ورتو ويو.

بقايا *** 08

اد ۽ دادو سميت ڪيترن ئي علائقن ۾ ڌماڪن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. پوليس موجب ٻاريجا اسٽاپ پرسان اڻڄاتل ماڻهن سوئي گئس لائين ۾ ليڪيج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جن پارڪو آئل لائين سمجهي ڪلپ لڳائي، جنهن سبب گئس پائپ لائن ڦاٽي پئي. واقعي کانپوءِ ڀان سيدآباد ۽ دادو کي سوئي گئس جي فراهمي معطل ٿي وئي، جڏهن ته سوئي گئس انتظاميا واقعي واري هنڌ پهچي پائپ لائن جي مرمت شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 09

ن رهيو. 100 انڊيڪس 2609 پوائنٽن جي لاٽ کانپوءِ 1 لک 68 هزار 155 پوائنٽن تي بند ٿيو ڪاروباري هفتي دوران 100 انڊيڪس 3807 پوائنٽن جي بينڊ ۾ رهيو، انڊيڪس جي بلند ترين سطح 1 لک 71 هزار 492، جڏهن ته گهٽ ترين سطح 1 لک 67 هزار 685 پوائنٽس رهي. هفتي دوران شيئر بازار ۾ 2.6 ارب شيئرز جا سودا اٽڪل 93 ارب روپين ۾ طئي ٿيا. اسٽاڪ مارڪيٽ جي مجموعي سرمائيداري ۾ پڻ 271 ارب روپين جي گهٽتائي ٿي، جنهن کانپوءِ مارڪيٽ ڪيپيٽلائيزيشن 18 هزار 725 ارب روپين تي اچي وئي.

بقايا *** 10

انگ اکر جاري ڪيا آهن. مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 50 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 70 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ 11 هزار 300 ڪيوسڪ آهي. خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ 63 هزار 200 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 7 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 37 هزار ڪيوسڪ آهي. جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 16 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 6 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. بئراجن جي انگن اکرن مطابق گڊو بئراج ۾ پاڻي جي آمد 72 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 57 هزار 400 ڪيوسڪ، سکر بئراج ۾ پاڻي جي آمد 61 هزار ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 14 هزار 600 ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج ۾ پاڻي جي آمد 44 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 6 هزار 600 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق ڊيمن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1522.14 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 4.046 ملين ايڪڙ فٽ، منگلا ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1208.65 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 4.798 ملين ايڪڙ فٽ جڏهن ته چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 646.30 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.185 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا *** 11

ڇڏيو. تجويز ڪيل شيڊول موجب نامزدگيءَ جا ڪاغذ 27 کان 30 آڪٽوبر تائين جمع ڪرائي سگهبا. جڏهن ته اميدوارن کي 20 نومبر تي چونڊ نشان الاٽ ڪيا ويندا. ريٽرننگ آفيسر مڪاني چونڊن جي نتيجن جو اعلان 17 ڊسمبر تائين ڪندا.

بقايا *** 12

ٻيءَ ۽ سندس 3 پٽ پڻ شامل آهن. جڏهن ته هڪ واٽهڙو به گولين جو نشانو بڻجي ويو پوليس جو چوڻ آهي ته فائرنگ ڪانپوءِ جوابدار فرار ٿي ويا، جن جي گرفتاري لاءِ علائقي جي ناڪابندي ڪري ڇڏي وئي آهي ۽ ڪارروائي جاري آهي.

بقايا *** 13

رر ڪرڻ وارو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو جسٽس عثمان غني راشد چيما 6 صفحن تي ٻڌل حڪم نامو جاري ڪيو، جنهن ۾ عدالت چيو ته والدين ٻار ۾ سمجهوتو ڪري سگهن ٿا، پر ٻار جي قانوني حق تي سودو نٿا ڪري سگهن. عدالت قرار ڏنو ته والدين باهمي رضامندي سان نابالغ ٻار جو نان نفقو گهٽ يا ختم نٿا ڪري سگهن. چوته ٻار جو نان نفقو والدين جو نه پر خود ٻار جو قانوني حق آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ نابالغ نينگري جي درخواست منظور ڪندي چيو ته ماءُ سرپرست طور ٻار جو نان نفقو معاف يا گهٽ ڪرڻ جو اختيار نٿي رکي. حڪم نامي موجب فيملي ڪورٽ والدين جي سمجهوتي کي قبول ڪرڻ جي پابند ناهي، جڏهن ته نان نفقو مقرر ڪرڻ وقت ٻار جي ضرورتن، پلاڻي، والد جي مالي حيثيت ۽ سماجي حيثيت کي نظر ۾ رکڻو پوندو. عدالت چيو ته والدين جي رضامندي کان وڌيڪ ٻار جي ضرورتن ۽ مفاد کي اهميت حاصل آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ ڪيس ٻيهر فيملي ڪورٽ ڏانهن موڪليندي هدايت ڪئي ته ٻار جي ضرورتن ۽ والد جي مالي حيثيت کي نظر ۾ رکندي نان نفقو نئين سر مقرر ڪيو وڃي.

بقايا *** 14

اني درخواستون منظور ڪري ورتيون. تفصيلي فيصلي موجب سپريم ڪورٽ جو 21 آگسٽ 2024ع وارو فيصلو بيان ڪيل حدن تائين ڪالعدم قرار ڏنو ويو آهي، جڏهن ته سپريم ڪورٽ جو اڳوڻو نظرثاني فيصلو پڻ برقرار نٿو رهي سگهي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته مونال ڪيس ۾ عدالتي اختيار جي حدن کان تجاوز سبب سنگين ناانصافي ٿي، جڏهن ته متاثر ڌرين کي مؤثر ٻڌڻيءَ جو موقعو ڏيڻ ڪانسواءِ سندن حقن بابت فيصلو ڪيو ويو وفاقي آئيني عدالت قرار ڏنو ته اعليٰ ترين عدالت جو فيصلو به صرف حتمي هجڻ جي بنياد تي، متاثر ڌرين کي ٻڌڻ ڪانسواءِ برقرار نٿو رکي سگهجي. فيصلي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ کي لاڳاپيل حالتن ۾ مونال ڪيس جي ٻڌڻي کان پاسو ڪرڻ گهرجي ها.

بقايا *** 15

جنهن ۾ 1024 اميدوارن مان رڳو 3 اميدوار ڪامياب ٿي سگهيا، جڏهن ته ڪاميابي جي شرح صرف 0.29 سيڪڙو رهي. خيبر پختونخوا پبلڪ سروس ڪميشن طرفان جاري ڪيل نتيجن موجب لکت واري امتحان ۾ ڪامياب ٿيندڙ ٽن اميدوارن جا هاڻي انٽرويو ٿيندا. جنهن کانپوءِ حتمي طور تي ڪامياب اميدوارن جو اعلان ڪيو ويندو امتحان ۾ پهرين پوزيشن ڏکڻ وزيرستان سان تعلق رکندڙ صبا رسول حاصل ڪئي، ٻي پوزيشن باجوڙ جي عبدالله نور ۽ ٽين پوزيشن مردان جي سيد زاهد حسين حاصل ڪئي. نتيجن جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سڀ کان وڌيڪ اميدوار انگريزي جنرل ۽ انگريزي مضمون نويسي واري پرچي ۾ ناڪام ٿيا. 1024 اميدوارن مان صرف 149 ڪامياب ٿيا، جڏهن ته 875 اميدوار ناڪام رهيا.

بقايا *** 16

ن ملڪن طرفان ايندڙ ڇهن مهينن دوران 10 ڪروڙ بيرل ڊيزل ۽ خام تيل جي فراهمي تي اتفاق ڪانپوءِ سامهون آيو آهي. ان کان اڳ ٽرمپ يورپي ملڪن کي خبردار ڪيو هو ته جيڪڏهن انهن پنهنجي ذخيرن مان ڊيزل جاري نه ڪيو ته آمريڪا طرفان کين ڊيزل جي فراهمي روڪي سگهجي ٿي.

بقايا *** 17

ن جي تياري جي شڪ ۾ گرفتار ڪرڻ ڪانپوءِ ضمانت تي آزاد ڪيو ويو آهي. 25 ورهين جي شخص کي خميس ڏينهن لنڊن جي ويسٽ منسٽر واري علائقي مان گرفتار ڪيو ويو هو ساڳئي علائقي ۾ ٻن ملڪيتن جي تلاشي جو عمل پڻ هاڻي مڪمل ڪيو ويو آهي. گذريل هفتي جي آخر ۾ گلوسٽرشائر ۾ هوائي اڏي جي ويجهو ٽن "شڪي گاڏين" بابت پوليس کي اطلاع ملڻ ڪانپوءِ وڏي نوعيت جي هنگامي صورتحال جو اعلان ڪيو ويو ۽ ڪيترن ئي گهرن کي خالي ڪرايو ويو. ان ڪانسواءِ ويهن سالن جي عمر وارن پنجن ٻين ماڻهن کي به گرفتار ڪيو ويو هو، جن کي بعد ۾ پوليس جي ضمانت تي آزاد ڪيو ويو. اهي پنجئي لنڊن سان تعلق رکندڙ برطانوي شهري هئا. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي حالتن بابت جاچ جاري آهي. گذريل هفتي جي آخر ۾ 23 کان 25 ورهين جي پنجن ماڻهن کي صبح سويران وقت گرفتار ڪيو ويو، جڏهن اطلاع مليو ته ڪجهه گاڏيون آمريڪي هوائي فوج جي انتظام هيٺ هلندڙ اڏي ڏانهن وڃي رهيون هيون. ان اطلاع ڪانپوءِ وڏي نوعيت جو حفاظتي واقعو پيش آيو بي بي سي کي ڄاڻ ملي آهي ته انهن مان هڪ شخص پاڻ ئي 999 تي فون ڪيو هو، يعني ان وقت کان لڳ ڀڳ هڪ ڪلاڪ اڳ، جڏهن هڪ مقامي هاري پوليس کي ٻڌايو ته گاڏين جي ويجهو نقاب پوش ماڻهن جو هڪ "وڏو گروهه" موجود آهي. انهن ماڻهن کي پهرين ڌماڪيدار مواد سان لاڳاپيل ڏوهن جي شڪ ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ بعد ۾ دهشتگرد ڪارروائي جي تياري جي شڪ ۾ به مٿن الزام لڳايو ويو پوليس پاران ان عمل کي "تحقيقاتي فيصلو" قرار ڏنو ويو. جيڪو "تجربي ۽ حڪمت عملي" جي بنياد تي ڪيو ويو هو. ۽ سومر ڏينهن انهن کي ضمانت تي آزاد ڪيو ويو ان واقعي جي ردعمل ۾ ان ئي منجهند برطانيا جي وزيراعظم اينڊي برنهم ڪوبرا اجلاس جي صدارت ڪئي. بعد ۾ هن چيو ته اهڙا "مضبوط اشارا" موجود آهن ته ايران جو هن واقعي ۾ ڪردار هو پر هن وڌيڪ تفصيل فراهم نه ڪيا. تهران ڪنهن به قسم جي ملوث هجڻ جي سختي سان ترديد ڪئي آهي. لنڊن ۾ ايراني سفارتخاني سومر ڏينهن چيو ته هو "قطعي طور تي رد ۽ سخت مذمت" ڪري ٿو انهن "بي بنياد ۽ بدنظمي تي ٻڌل قياس آرائين" کي، جن ۾ ايران کي هن واقعي سان ڳنڍيو پيو وڃي. RAF فيئرفورڊ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان آمريڪي هوائي فوج لاءِ اڳتي وارو آپريشنل اڏي طور استعمال ٿيندو رهيو آهي. تازن مهينن دوران آمريڪي بمبار جهاز هن اڏي تان وچ اوڀر ڏانهن روانا ٿيا آهن. ان کانپوءِ جو برطانيا آمريڪا جي ان درخواست کي منظور ڪيو ته هو ان اڏي کي ايران خلاف دفاعي حملن لاءِ استعمال ڪري سگهي. جولاءِ ۾ ايران چيو هو ته "ايراني سرزمين خلاف جارحيت لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪو به اڏو اسان جي فوجن لاءِ جائز هدف هوندو" سومر ڏينهن دير سان آمريڪا جي پرڏيهي معاملن واري وزير مارڪو روبيو هڪ ٽي وي پروگرام کي ٻڌايو ته اهو واضح آهي ته هفتي جي آخر ۾ پيش آيل واقعن ۾ ڪنهن "پرڏيهي ڌر" جو ڪردار هو هن ڪنهن ثبوت يا وڌيڪ تفصيل فراهم ڪرڻ ڪانسواءِ فاڪس نيوز جي پروگرام "هينيٽي" ۾ چيو: "برطانيا ۾ هفتي جي آخر ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو، جيڪو تقريبن ٿيڻ وارو هو يا جيڪو ٿي سگهي پيو، اهو انتهائي سنگين صورتحال آهي. واضح طور تي ان ۾ ڪنهن پرڏيهي ڌر جو هٿ شامل آهي." "ان کان اڳ اوول آفيس ۾ ڳالهائيندي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته جيڪڏهن فيصلو سندس هٿ ۾ هجي ها ته هو گرفتار ڪيل پنجن ماڻهن کي ضمانت تي آزاد نه ڪري ها ۽ هو انهن جي آزادي تي "حيران" ٿيو آهي. هن چيو: "اسان انهن بابت سڀ ڪجهه ڄاڻون ٿا، اسان انهن کي آزاد نه ڪريون ها." هن وڌيڪ چيو ته برطانيا هن معاملي تي آمريڪا سان "تمام ويجهي نموني" ڪم ڪيو آهي.

بقايا *** 18

ي شرح سميت ٻين ڪيترن ئي نڪتن تي اختلاف برقرار آهي جتي آءِ ايم ايف پاڪستان ۾ مارڪيٽ بيسڊ ايڪسچينج ريٽ رکڻ تي زور ڏيندي مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ وياج جي شرح سخت رکڻ جي تجويز ڏني آهي. آءِ ايم ايف اختيارين پاڪستان کي ٻارڻ جي تيل تي سبسڊي يا ڪراس سبسڊي ڏيڻ جي مخالفت ڪئي آهي. فيول تي بينظير انڪم سپورٽ جيان مستحق ماڻهن کي ٽارگيٽيڊ سبسڊي ڏيڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. ذريعن ٻڌايو ته حڪومت ۽ آءِ ايم ايف جي وچ ۾ پيٽرول جي قيمت ۽ گيس ڪمپنين جي 1.4 ٽريلين روپين جا وصول جوڳا واجبات تي به ڊيڊ لاڪ برقرار آهي پر حڪومت موٽر سائيڪل، ننڍين گاڏين جي لاءِ فيول رليف اسڪيم فوري ختم نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. آءِ ايم ايف جو چوڻ هو ته فيول رليف اسڪيم ۾ 3 مهينن کان وڌيڪ واڌ ممڪن نه آهي ٽن مهينن جي فيول سبسڊي جي اصل لاڳت 75 ارب روپين کان وڌي سگهي ٿي. پاڪستاني ڳالهين واري ٽيم آءِ ايم ايف کي پيٽرول جي قيمت جو تفصيلي ڪاسٽ بريڪ ڊائون پيش ڪندي ٻڌايو ته درآمدي پيٽرول جي قيمت تقريبن 250 روپيه آهي، جڏهن ته صارفين کي 390 روپيه في ليٽر ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي، پيٽرول تي تقريبن 110 روپيه في ليٽر ٽيڪس ۽ 27 روپيه مختلف مارجنز آهن. ذريعن موجب آءِ ايم ايف گيس ڪمپنين جي 1.4 ٽريلين روپيه قابل وصول واجبات معاف ڪرڻ تي به خدشن جو اظهار ڪيو آهي. جڏهن ته گيس سيڪٽر جي گردشي قرض جو حجم 3.6 ٽريلين روپين تائين پهچي ويو آهي. ذريعن جو چوڻ هو ته گيس ڪمپنين جي 850 ارب جي منافعي سان قرض اڪلائڻ جي تجويز تي آءِ ايم ايف خدشن جو اظهار ڪيو آهي، گيس سيڪٽر جي گردشي قرض جي انتظامي منصوبي تي تفصيلي اجلاس ايندڙ هفتي ٿيڻ جو امڪان آهي. وڌيڪ ٻڌايو ويو ته آءِ ايم ايف پيٽروليم شعبي جي ٻن اهم معاملن تي به اتفاق نه ٿي سگهيو .البته آءِ ايم ايف گيس سيڪٽر ۾ اصلاحات ۽ گيس چوري ۾ گهٽتائي جي تعريف ڪئي.

بقايا *** 19

سي) جي ٽئين اجلاس جي تيارين جو جائزو وٺڻ جي لاءِ بين الوزارتي اجلاس جي صدارت ڪئي. جنهن جي هو پنهنجي بحريني هم منصب سان گڏيل صدارت ڪندو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب اقتصادي معاملن واري ڊويزن جي سيڪريٽري نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير کي ايندڙ اجلاس جي ايجنڊا ۽ ٻطرفي تعاون جي اهم شعبن بابت بريفنگ ڏني. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير پاڪستان – بحرين تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ ۾ جي ايم سي جي اهميت تي زور ڏنو ۽ لاڳاپيل وزارتن کي هدايت ڪئي ته اهي ويجهي هم آهنگي سان تياريون مڪمل ڪن ۽ ايندڙ هفتي بحريني پرڏيهي وزير جي دوري جا ٺوس نتيجا حاصل ڪن. اجلاس ۾ وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، وقتي پرڏيهي سيڪريٽري ۽ سمورين لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن جي سيڪريٽرين ۽ سينيئر آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 20

ڏوراپن ۽ شڪايتن سان ٿي. وفاقي وزير امير مقام، سهيل آفريدي جي ٽوئيٽ جو معاملو اٿاريندي چيو ته اسان ڪالهه مخالف ڌر کي اڳتي وڌڻ لاءِ لانگ مارچ ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي هئي، پر اڄ سهيل آفريدي ٻيهر لانگ مارچ بابت ٽوئيٽ ڪري ڇڏيو حڪومتي وفد شڪايت ڪندي چيو ته سينيئر حڪومتي اڳواڻن بابت به نازيبا ٻولي استعمال ڪئي وئي آهي. اهڙي صورتحال ۾ اسان ڪيئن سمجهون ته مخالف ڌر جو وفد ڪيترو بااختيار آهي؟ مخالف ڌر جواب ڏيندي چيو ته اوهان دفاع واري وزير خواجا آصف جي ٽوئيٽ بابت ڇا چوندا؟ ڇا اهو درست هو؟ جيڪڏهن اڳتي وڌڻو آهي ته اعتماد بحال ڪرڻو پوندو. ٻئي طرف حڪومتي وفد جو موقف هو ته اسان کليل دل سان آيا آهيون ۽ مڪمل طور بااختيار آهيون. جڏهن ته پيپلز پارٽيءَ جو چوڻ هو ته ڳالهين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ لانگ مارچ غيرمشروط طور ختم ڪيو وڃي. ذريعن موجب حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ڳالهين ۾ مثبت اڳڀرائي جا امڪان آهن. جڏهن ته لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ ۽ خاص ڪميٽين ذريعي ڳالهين جو عمل جاري رکڻ واري تجويز تي پڻ غور ڪيو پيو وڃي. ذريعن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته ٻنهي ڌرين پنهنجي پنهنجي قيادت سان مشاورت ڪانپوءِ ان حوالي سان حتمي فيصلو ڪنديون. ذريعن جو چوڻ آهي ته حڪومت محمود خان اڇڪزئي ۽ علامه ناصر عباس جي خان سان ملاقات جو انتظار ڪندي جنهن بعد مارچ ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويندو ۽ حڪومت عدالتي حڪم موجب خان جو چيڪ اپ جو اهتمام به ڪندي.

بقايا *** 21

تگردن خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي، آپريشن دوران گذريل هفتي 11 دهشتگرد مارجي ويا. گهرو وزارت مان جاري ڪيل بيان موجب وفاقي وزير محسن نقوي دهشتگردن جي منصوبن کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي تعريف ڪئي ۽ آپريشن دوران فورسز جي پيشيوارانه صلاحيتن جو اعتراف ڪيو. هن چيو ته سيڪيورٽي فورسز ڏکڻ وزيرستان ۾ ڳجهي ڄاڻ تي ڪيل آپريشن دوران پنجن دهشتگردن کي ماري ڇڏيو، جڏهن ته بلوچستان جي ماشڪيل واري علائقي ۾ هڪ ٻي ڪارروائي دوران وڌيڪ 6 خوارجي دهشتگرد مارجي ويا. گهرو وزير چيو ته قوم کي سيڪيورٽي فورسز جي بهادر جوانن تي فخر آهي، جيڪي دهشتگردي خلاف جنگ ۾ فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن. محسن نقوي وڌيڪ چيو ته دهشتگردي خلاف جاري مهم ۾ قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي. هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته امن ۽ استحڪام برقرار رکڻ وارين ڪوشش کي مضبوط بڻائڻ ۾ عوامي حمايت هڪ اهم عنصر آهي. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته عوام جي حمايت ۽ سيڪيورٽي فورسز جي لڳاتار ڪوشش سان دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو.

بقايا *** 22

ستائن مائر ۽ جرمني جي عوام کي جرمن اتحاد جي ڏينهن جي موقعي تي دلي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان جرمني کي هڪ اعتماد جوڳي حصيدار جي حيثيت سان قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو. گهڻ رخي شعبن ۾ ٻطرفا لاڳاپا مسلسل وڌي رهيا آهن. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ موجب صدر آصف علي زرداري پنهنجي مبارڪباد واري پيغام ۾ چيو ته پاڪستان جرمني کي هڪ اعتماد جوڳي حصيدار جي حيثيت سان انتهائي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو هن چيو ته پاڪستان ۽ جرمني جا گڏيل لاڳاپا سياسي، اقتصادي، توانائي، ثقافتي، تعليمي، سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي شعبن ۾ مسلسل وڌندا رهندا. هن يورپي يونين جي اندر جرمني جي اهم ڪردار ۽ پاڪستان ۽ يورپي يونين جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ جرمني جي تعاون کي پڻ ساراهيو صدر آصف علي زرداري اميد ظاهر ڪئي ته صدر ڊاڪٽر فرينڪ والٽر اسٽائن مائر سان گڏجي ٻنهي ملڪن جي عوام جي مفاد ۾ پاڪستان ۽ جرمني جي وچ ۾ دوستي ۽ گڏيل احترام تي ٻڌل لاڳاپن کي وڌيڪ فروغ ڏنو ويندو.

بقايا *** 23

ي آءِ) جي امڪاني لانگ مارچ کي نظر ۾ رکندي حڪومت سيڪيورٽي قدمن جي تحت اسلام آباد ۾ رينجرز جي مقرري ۾ واڌ ڪري ڇڏي. گهرو وزارت طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب وفاقي حڪومت اسلام آباد ۽ پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ رينجرز جي مقرري ۾ اها واڌ 15 آڪٽوبر 2026ع تائين ڪئي آهي. اسلام آباد ۾ 3 هزار اهلڪار 16 آڪٽوبر تائين مقرر رهندا. اسلام آباد ۾ پي ٽي آءِ جي 27 سيپٽمبر جي لانگ مارچ کي نظر ۾ رکندي رينجرز جي مقرري 20 سيپٽمبر کان 5 آڪٽوبر 2026ع تائين ڪئي وئي هئي، پر پي ٽي آءِ بعد ۾ مارچ کي ملتوي ڪري 4 آڪٽوبر تي اسلام آباد مارچ جو اعلان ڪيو تاريخ تبديل ٿيڻ جي باوجود اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ سيڪيورٽي انتظام برقرار آهن. اهم روڊن تي پوليس ۽ رينجرز جي مقرري ڪئي پئي وڃي. ذريعن موجب مقرري ۾ واڌ چيف ڪمشنر اسلام آباد ۽ پنجاب جي گهرو وزارت جي درخواست تي ڪئي وئي آهي. رينجرز چيف ڪمشنر ۽ صوبائي حڪومت جا ڏنل فرض انجام ڏيندي. ٻئي طرف حڪومت ۽ اپوزيشن جي وچ ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي لانگ مارچ جي حوالي سان ڳالهين جو ٻيو دور اسپيڪر جي چيمبر ۾ شروع ٿي ويو آهي.

بقايا *** 24

وڌيڪ اضافو ٿيو آهي. وفاقي شماريات اداري (پي بي ايس) جي انگن اکرن مطابق هلندڙ مالي سال ۾ جولاءِ کان سيپٽمبر 2026ع دوران ملڪي روانگي واپار جو مجموعي ڳاٽيتو 8.43 ارب ڊالر تائين وڌي ويو جڏهن ته گذريل مالي سال جي ساڳي عرصي ۾ جولاءِ کان سيپٽمبر 2025ع دوران روانگي واپار مان 7.59 ارب ڊالر متا سٽا وارو ناڻو ڪمايو ويو هو اهڙي طرح گذريل مالي سال جي ڀيٽ ۾ هلندڙ مالي سال جي شروعاتي ٽن مهينن دوران 0.84 ارب ڊالر يعني 11.06 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 25

ان معلوم ٿيو آهي ته ڪو پائلٽ دهشتگرد ڪارروائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ايجنسي پاران جاري ڪيل بيان ۾ الشمسي چيو ته ڪو پائلٽ آڏام دوران پنهنجي منصوبي تي عمل شروع ڪيو. هن ڪاڪ پٽ اندر ڪپتان تي حادثن ۾ استعمال ٿيندڙ ڪهاڙي سان حملو ڪيو ۽ جهاز جو ڪنٽرول پنهنجي هٿ ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. هن چيو ته واقعي جون مڪمل حالتون، ان جا مقصد ۽ ان سان لاڳاپيل ڪنهن به رابطن جو پتو لڳائڻ لاءِ جاچ جاري آهي.

بقايا *** 26

جڏهن ته ڪنٽينر شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ رکيا ويا آهن. وزارت پاران جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي هدايتن تي عمل ڪندي احتياط طور ڪنٽينر رکيا ويا آهن. اطلاعات واري وزارت موجب حساس تنصيبات ۽ عوامي بنيادي ڍانچي جي تحفظ لاءِ حفاظتي قدم کنيا ويا آهن. وزارت جو چوڻ آهي ته جانبداراڻي رپورٽنگ گمراهه ڪندڙ ۽ منفي تاثر پيدا ڪري ٿي، جڏهن ته ڪوڙ ۽ پروپيگنڊا حقيقتن جو متبادل نٿا ٿي سگهن.

بقايا *** 27

ڏڻ جو واحد قابل عمل طريقو آهي. ڇنڇر ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب هن اها ڳالهه برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ سان ڳالهائيندي ڪئي جنهن پرڏيهي وزارت ۾ ساڻس ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ پاڪستان – برطانيا لاڳاپن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ٻنهي ڌرين ٻطرفي لاڳاپن ۾ مثبت رفتار جي آجيان ڪئي ۽ ان تعاون کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. هن بدلجندڙ علائقائي صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري ئي اڳتي وڌڻ جو واحد قابل عمل طريقو آهي.

بقايا *** 28

جي پرسان لدڙ ڳوٺ سان تعلق رکندڙ 3 مقامي پاڪستاني شهري بارڊر پلر کان ڪجهه قدم اڳيان وڌيا ته ڀارتي بي ايس ايف اهلڪارن مبينه طور تي انهن کي بنا وارننگ جي فائرنگ جو نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا شهيد جڏهن ته هڪ زخمي ٿي پيو پرڏيهي وزارت موجب بيديان سيڪٽر ۾ ڀارتي بي ايس ايف اهلڪارن 2 پاڪستاني شهرين کي فائرنگ ڪري شهيد ڪيو جنهن تي ڀارتي هاءِ ڪميشن کي پرڏيهي وزارت ۾ طلب ڪيو ويو آهي. پرڏيهي وزارت ڀارتي فورسز جي هٿين خالي شهرين تي فائرنگ کي بنا جواز قرار ڏئي فوت ٿي ويل شهرين کي درانداز قرار ڏيڻ جي ڀارتي ڪوشش کي به رد ڪندي چيو ته واقعو بنيادي انساني حقن ۽ زندگي جي حق جي سنگين ڀڃڪڙي آهي، هٿين خالي شهرين جي خلاف طاقت جو استعمال بنا جواز ۽ انتهائي غير مناسب هو پرڏيهي وزارت چيو ته واقعي عالمي قانون جي تحت شهرين جي تحفظ بابت سنگين خدشا پيدا ڪيا، ڀارت واقعي جي فوري، شفاف ۽ ڀروسي جوڳي جاچ ۽ ذميوار اهلڪارن جي خلاف قانوني ۽ محڪماتي ڪارروائي ڪري. پرڏيهي وزارت ڀارتي هاءِ ڪميشن کي ڏنل احتجاجي خطي ۾ چيو آهي ته ڀارت جاچ جي نتيجن ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي کان پاڪستان کي آگاهه ڪري، ڀارت بنيادي انساني حقن ۽ عالمي قانون جو احترام يقيني بنائي ۽ سرحدي معاملن ۾ وڌ کان وڌ صبر جو مظاهرو ڪري اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ به مؤثر قدم کنيا وڃن. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته فوت ٿي ويل شهرين ۾ عظمت رسول ولد عطاءالله ۽ محسن جٽ شامل آهن جن جو تعلق جنان والي حويلي لدڙ سان ٻڌايو ويو آهي. ٽنهي ماڻهن مان ڪنهن به سرحدي ڪنڊيدار تارون ٽپڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي. سيڪيورٽي ذريعن ڀارتي فورسز طرفان پاڪستاني شهرين تي فائرنگ کي بارڊر معاهدي ۽ طئي ٿيل ايس او پيز جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو آهي.

بقايا *** 29

ته جيڪڏهن پي ٽي آءِ کي پنهنجن مطالبن جي لاءِ احتجاج ڪرڻو آهي ته اها پشاور، مردان، ڪراچي يا لاهور ۾ احتجاج ڪري سگهي ٿي. هن چيو ته اهو تاثر صحيح نه آهي ته اسٽيبلشمينٽ ڳالهين سان خوش نه آهي. ڳالهين جو فيصلو صدر ۽ وزيراعظم ڪيو آهي انهي عمل ۾ لاڳاپيل ادارن کي ڀروسي ۾ نه ورتو ويو هوندو. راڻا ثناءالله چيو ته خيبرپختونخواهه جو وزيراعليٰ ڪنهن به اجلاس ۾ شريڪ ناهي ٿيندو، جيڪڏهن انهي جو ڪو موقف آهي ته اهو وفاقي حڪومت سان سڌو سنئون ڳالهيون ڪري. اپوزيشن کي به لانگ مارچ کان پاسو ڪرڻ جو مشورو ڏنو ويو آهي. هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته گورنر راڄ يا ايمرجنسي جهڙا آپشن هميشه مخصوص حالتن ۾ موجود هوندا آهن جيڪڏهن ڪنهن صوبي ۾ سيڪيورٽي صورتحال خراب هجي ۽ صوبائي حڪومت تعاون نه ڪري ته وفاق وٽ قدم کڻڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو نه رهجي وڃي. هن چيو ته ايمرجنسي يا گورنر راڄ پسنديده قدم نه آهن صرف خراب حالتن ۾ ئي انهي تي غور ڪري سگهجي ٿو. ياد رهي ته سياسي معاملن جي حل لاءِ حڪومتي ۽ اپوزيشن وفد جي وچ ۾ اسپيڪر جي چيمبر ۾ ڳالهيون پر شروعاتي ويهڪ ۾ ڪا به اڳڀرائي نه ٿي سگهي. ٻنهي ڌرين ڳالهيون جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو آهي.

بقايا *** 30

اويس لغاري روسي ٽي وي کي انٽرويو ڏيندي چيو ته روس پاڪستان جي اهم ترين ڀائيوارن مان هڪ آهي. هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف هر عالمي فورم تي روسي صدر ولاديمير پيوٽن سان ملاقات ڪئي آهي، ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ ويجها لاڳاپا قائم ڪرڻ جي خواهش آهي. اويس لغاري موجب پاڪستان ۽ روس وچ ۾ ويجها لاڳاپا علائقائي امن ۽ سلامتي سان گڏ معاشي ترقي لاءِ پڻ اهم آهن.

بقايا *** 31

سيد مراد علي شاهه پاران ڊاڪٽر وسيم قاضي کي ايندڙ 4 سالن لاءِ ڪراچي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ڪري ڇڏيو وزيراعليٰ جي منظوري کان پوءِ سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊ عباس بلوچ ڊاڪٽر وسيم قاضي جي مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو. هو گذريل ٻن سالن کان ڪراچي ميٽرو پوليٽن يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي جڏهن ته انهي کان اڳ نجي سيڪٽر جي جامعه اقرا يونيورسٽي جو وائيس چانسلر به رهي چڪو آهي. ايڪٽ جي تحت انهي جي مقرري ايندڙ 4 سالن جي لاءِ ڪئي وئي آهي. واضح رهي ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جمعي جي صبح ٽنهي نامزد اميدوار ڊاڪٽر وسيم قاضي، ڊاڪٽر معظم خان ۽ ڊاڪٽر شفيق الرحمان سان پاڻ ملاقات ڪئي هئي جنهن کان پوءِ ڊاڪٽر وسيم قاضي جي نالي جي منظوري ڏني وئي. سنڌ ايڇ اي سي جي چيئرمين ڊاڪٽر طارق رفيع جي ڪنوينر شپ ۾ قائم تلاش ڪميٽي جي ڊاڪٽر وسيم قاضي کي 86، ڊاڪٽر معظم کي 74 ۽ ڊاڪٽر شفيق الرحمان کي 71 مارڪون ڏنيون هيون. ياد رهي ته ڪراچي يونيورسٽي جو اڳوڻو وائيس چانسلر ڊاڪٽر خالد عراقي جو پهريون باقاعده چئن سالن جو مدو 28 جولاءِ 2026 تي پورو ٿي ويو هو جنهن کان پوءِ اين اي ڊي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر طفيل احمد کي وي سي ڪراچي يونيورسٽي جو اضافي چارج ڏنو ويو هو. ڊاڪٽر طفيل احمد هن وقت 20 ڏينهن جي پرڏيهي دوري تي ويل آهي.

بقايا *** 32

اڙيل مارجي ويو. جڏهن ته 10 کان وڌيڪ ڌاڙيل زخمي ٿيڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. ايس ايس پي ڪليم ملڪ موجب مارجي ويل ڌاڙيل جي سڃاڻپ شاهه بيگ خاناني جتوئي طور ٿي آهي. جيڪو قتل ۽ پوليس مقابلن سميت 12 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل هو هن چيو ته آپريشن دوران 10 کان وڌيڪ ڌاڙيل زخمي ٿيا. جڏهن ته سرچ آپريشن دوران ڪجهه شڪي ماڻهن کي پڻ حراست ۾ وٺي جاچ ڪئي پئي وڃي. پوليس کي مارجي ويل ڌاڙيل جو ڪرمنل رڪارڊ پڻ ملي ويو آهي. ايس ايس پي ڪليم ملڪ موجب گذريل 6 مهينن دوران جاري آپريشن ۾ هن وقت تائين 25 کان وڌيڪ ڌاڙيل مارجي چڪا آهن. جڏهن ته سوين ڌاڙيلن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ ڪارروايون جاري آهن.

بقايا *** 33

ويجز جي پاڪستاني ٻولي ۽ ثقافت مرڪز جي سهڪار سان "ٻولين وچ ۾ پل: آذربائيجاني- اردو ترجمن جي رونمائي" جي موضوع سان هڪ خاص ادبي تقريب منعقد ٿي. تقريب ۾ پاڪستاني موٽيويشنل اسپيڪر ۽ ليکڪ قاسم علي شاهه جي مشهور ڪتاب "منزل کي طرف" جي آذربائيجاني ترجمي جڏهن ته آذربائيجان جي تعليمي ماهر، دانشور ۽ آذربائيجان يونيورسٽي آف لينگويجز جي ريڪٽر پروفيسر ڪمال عبدالله جي مشهور لکڻي "وادي طلسم" جي اردو ترجمي جي رونمائي ڪئي وئي.

بقايا *** 34

دعويٰ ڪئي وئي آهي. سيڪيورٽي ذريعن موجب ڏکڻ وزيرستان ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران فتنه الخوارج جي 5 دهشتگردن کي ماريو ويو. جڏهن ته دهشتگردن جا ٺڪاڻا پڻ نشانو بڻائي تباهه ڪيا ويا. ذريعن موجب مارجي ويل دهشتگردن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيو ويو آهي. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته آپريشن ردالفتن 3 تحت بلوچستان ۾ فتنه الهند خلاف به ڪارروايون جاري آهن. ذريعن موجب بلوچستان جي علائقن گورندر ۽ ماشڪيل ۾ ڪارروائي دوران وڌيڪ 6 دهشتگرد مارجي ويا. سيڪيورٽي ذريعن موجب ماشڪيل ۾ چيڪ پوسٽ تي فائرنگ ڪانپوءِ دهشتگردن فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن دوران سيڪيورٽي فورسز بروقت ڪارروائي ڪندي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندڙ دهشتگردن کي ماريو.

بقايا *** 35

خبرون ڏيندڙ عالمي اداري موجب ٽرڪ ڊرائيورن انهي خدشي کي نظر ۾ رکندي اترين علائقن طرف سامان کڻي وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي هنن جو چوڻ آهي ته پوليس اسان جون گاڏيون قبضي ۾ وٺي ڪنٽينر اسلام آباد ويندڙ رستن تي رڪاوٽون بيهارڻ لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿي. 35 ورهين جي ڊرائيور جاويد الرحمان چيو ته هن وقت پنجاب طرف وڃڻ آپگهات جي برابر آهي. ڊرائيور موجب پوليس گاڏيون ۽ ڪنٽينرز قبضي ۾ وٺڻ کان پوءِ ڊرائيورن کي پريشان حال ڇڏي ڪنٽينرز رکيا ويا آهن. اهي سمورا انتظام اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي آزادي واري معاملي تي پي ٽي آءِ جي اعلانيل مارچ کي روڪڻ جي لاءِ ڪيو ويو آهي. جيڪو پهريان 27 سيپٽمبر تي ٿيڻو هو پر بعد ۾ انهي کي 4 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪيو ويو هو ڏانهن اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت اسلام آباد ۾ روڊن جي بندش بابت خبرن کي رد ڪندي چيو آهي ته وفاقي راڄڌاني ۾ ڪجهه هنڌن تي ڪنٽينرز روڊ بند ڪرڻ جي لاءِ نه پر اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي هدايتن تحت احتياطي تدبيرن جي طور تي رکيا ويا آهن. عمران خان کي 2023 ۾ پارليامينٽ ذريعي حڪومت کان هٽائڻ کان پوءِ جيل اماڻيو ويو هو انهي جي خلاف ڪيترين ئي سزائن معطل يا ڪالعدم ٿي چڪيون آهن. جڏهن ته اپيلون ٻڌڻي هيٺ آهن. پي ٽي آءِ هن وقت به رياستي نگراني ۽ دٻاءُ کي منهن ڏئي رهي آهي جنهن سبب تازو احتجاجي سرگرمين ۾ شرڪت متاثر ٿي آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

ري شڪيل پارس هلائي، هن ادبي ويهڪ ۾ ڊاڪٽر نياز حسيني، مضمون "عورت" راجا ڪٽي، غزل، عظيم جت، چوسٽو ،اسماعيل مگسي، چونڊ شعر، صابر چانڊيو، نظم، "مهاجر ۽ انصار" بچل جت، بيت، محمد صديق ميمڻ، يادگيري، "مرشد جي ڪرامت" ۽ شڪيل پارس غزل، تنقيد لاءِ پيش ڪيو جن تي تنقيدي ۽ اصلاحي رايا پڻ ڏنا ويا، ڳڏجاڻي ۾ 11 آڪٽوبر تي ٿيندڙ عورت تخليقڪارن سان رهاڻ واري پروگرام جي ڪيل انتظامن بابت تفصيلي ڳالھ ٻولھ پڻ ڪئي وئي، ڳڏجاڻي جي وقتي صدر شهزاد ميمڻ ڳالهائيندي چيو ته اجوڪي ڳڏجاڻي هر حوالي سان ڀرپور رهي اميد ته هي سلسلو جاري ساري رهندو، آخر ۾ سنڌي ادب جي نالي واري اديب عزيز ڪينجهرائي ۽ سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي پريس ترجمان رمضان ميمڻ جي پيٽوپي ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ جاتي جي اڳوڻي سيڪريٽري عاجز عمر هنگورجو جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪندي دعاءِ مغفرت گهري وئي

بقايا عوامي سوچ 02

جانورن جي پالنا لائيو اسٽاڪ ڪاتي ٺٽي پاران ضلعي ٺٽي جي مختلف علائقن ۾ مالوند ماڻهن جي چوپائي مال جانورن کي مختلف وبائي ۽ متعدي بيمارين کان بچائڻ لاءِ ويڪسين لڳائڻ واري مهم ڊاڪٽر فياض وڳڻ جي نگراني ۾ تيزي سان جاري آهي. ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ اينيمل هسسبينڊري ٺٽو ڊاڪٽر فياض وڳڻ جي نگراني ۾ لائيو اسٽاڪ ڪاتي جي ٽيمن گهارو، ڏابيجي، جهرڪ سميت ٻين مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ پهچي وڏي انگ ۾ جانورن کي بيمارين کان بچاءَ جون ويڪسينون لڳايون. ويڪسين لڳائڻ واري مهم دوران ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض وڳڻ، ڊاڪٽر محمد خضر، دلشاد ميمڻ، عبدالرحمان جتوئي، نظير آرائين، امير ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار ۽ فني عملي جا ميمبر موجود هئا، جن مختلف علائقن ۾ جانورن جي صحت جو جائزو وٺڻ سان گڏ مالوندن کي ضروري طبي سهولتون ۽ آگاهي پڻ فراهم ڪندي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض وڳڻ چيو ته لائيو اسٽاڪ ڪاتو ضلعي ٺٽي ۾ باقاعدگي سان پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏيندي جانورن جي صحت جي تحفظ لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آڻدا پيا وڃن. هن چيو ته ضلعي جي مختلف علائقن ۾ ويڪسين لڳائڻ جو عمل تيزي سان جاري آهي، جنهن جو مقصد مالوند ماڻهن جي جانورن کي خطرناڪ وبائي ۽ متعدي بيمارين کان محفوظ رکڻ آهي. ڊاڪٽر فياض وڳڻ وڌيڪ چيو ته لائيو اسٽاڪ ڪاتي جون فيلڊ ٽيمون مختلف علائقن ۾ وڃي مالوندن سان رابطو ڪري جانورن جي صحت بابت ضروري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ ڪين بيمارين کان بچاءَ لاءِ احتياطي تدبيرن بابت پڻ آگاهي ڏني پئي وڃي. هن چيو ته ڪجهه عنصرن پاران لائيو اسٽاڪ ڪاتي ۽ ان جي ڪارڪردگي بابت مبينا طور تي بي بنياد پروپيگنڊا ڪئي پئي وڃي، جنهن سان سرڪاري ڪاتي ۽ آفيسرن جي ساک کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اهڙن عنصرن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي. لائيو اسٽاڪ ڪاتي جي اختيارين مالوندن کي اپيل ڪئي آهي ته هو پنهنجي جانورن کي وقت سر ويڪسين لڳرائين. جيڪڏهن ڪنهن جانور ۾ بيماري جون علامتون ظاهر ٿين ته بنا دير ويجهي ويٽرنري مرڪز يا لاڳاپيل لائيو اسٽاڪ عملي سان رابطو ڪن، جيئن بروقت علاج ۽ بيماري جي روڪٿام کي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 03

ٿيءَ جي سرندي وارن کي اپيل. جهمپير ۽ ڪوهستان واري علائقي ۾ غلام قادر عرف ٻڊو پالاري کي هر ڪو سڃاڻي ٿو جيڪو گذريل 15 سالن کان موذي بيماري ۾ مبتلا هجڻ سبب سخت تڪليف ۽ پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. ڏکڻي عرصي کان بيماريءَ سان جنگ وڙهندڙ غلام قادر کي علاج ۽ آپريشن لاءِ وڏي مالي سهڪار جي ضرورت آهي. غلام قادر جي آپريشن ۽ علاج جي خرچن لاءِ سوشل ميڊيا ذريعي مسلسل آواز اٿاريندي وس وارن، صاحبِ حيثيت ماڻهن ۽ انسان دوست حلقن کي مدد جي اپيل ڪئي وئي آهي، جڏهن ته افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته هن وقت تائين گهربل مالي سهڪار جو بندوبست نه ٿي سگهيو آهي. ان سلسلي ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر ٺٽي، جهمپير ۽ ڪوهستان سميت سمورن وس وارن ۽ مخير حضرات کي اپيل ڪئي وئي آهي ته غلام قادر پالاري جي ڏکي گهڙيءَ ۾ انسانيت جي ناتي سندس علاج ۽ آپريشن لاءِ مالي مدد ڪن، جيئن هو ضروري علاج ڪرائي صحتياب ٿي سگهي. اپيل ڪندڙن جو چوڻ آهي ته غلام قادر ڪنهن سياسي يا ذاتي مفاد لاءِ نه، پر پنهنجي زندگي بچائڻ لاءِ مدد جو طلبگار آهي. معاشري جي صاحبِ حيثيت ماڻهن کي گهرجي ته هو اڳتي اچي هن بيمار ۽ لاچار شخص جي علاج ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. انسانيت جي خدمت کان وڏي ڪا خدمت ناهي، اوهان جي ٿوري مدد به غلام قادر لاءِ زندگيءَ جي نئين اميد بڻجي سگهي ٿي

بقايا عوامي سوچ 04

ر بار ايسوسيئيشن پاران رکيل حلف برداري تقريب ۾ شرڪت ڪري نئين باڊيءَ کان حلف ورتو. انهي موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي چيف جسٽس چيو ته مون کي ججز پائرن کان تمام وڏو مان حاصل ٿيو آهي سنڌي ثقافت جي علامت روايتي پٽڪي ڦينٽي پارائڻ تي دل جي گهرائين سان شڪرگذار آهيان. پٽڪو، ٽوپي ۽ اجرڪ اسان جي رنگين ثقافت، محبت، خوشحالي ۽ احترام جي علامت آهن. اهي صرف تحفا ناهن، پر محبت جو اظهار آهن. هن چيو ته وڪيلن ذريعي ئي ڪمزور کي سهارو ملي ٿو ۽ طاقتور جي حد مقرر ٿئي ٿي. انصاف سيني اخلاقي قدرن جو بنياد آهي. انصاف لاءِ هڪ غير جانبدار، باائر ۽ منصفاڻي عدالتي نظام جي ضرورت هوندي آهي جنهن سان رياست، شهرين جي جان، مال، عزت ۽ آبروءَ جي تحفظ کي يقيني بڻائي ٿي. ٿرپارڪر جهڙي علائقي ۾ عدالتن پاران انصاف جو اهو عمل، خصوصي طور تي هڪ ترقي يافته سماج لاءِ تمام ضروري آهي جو هي ماڻهن جي زندگيءَ جي معاشي ۽ سماجي ترقيءَ ۾ امن ۽ خوشحاليءَ جو بنياد فراهم ڪري ٿو. منهنجي خيال ۾ عدالتي انصاف هڪ پرامن معاشري جو بنياد به آهي، جيڪو قانون جي استحڪام ، اعتماد ۽ انساني وقار کي قائم رکي ٿو اهو فردن جي حقن جو تحفظ ڪري ٿو ۽ بدعنوانيءَ کي روڪڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو جنهن سان هڪ مضبوط سماج جو قيام ممڪن ٿئي ٿو. عدالتن مان ملندڙ انصاف ناانصافيءَ جي خاتمي جو سبب بڻجي ٿو ان ڪري منصفاڻي انصاف کان ۽ انصاف تائين رسائيءَ کان محروميءَ سان سماج ۾ عدم تحفظ، بگاڙ ۽ انتشار پيدا ٿئي ٿو ۽ توازن بگڙجي ٿو جنهن لاءِ نظامِ عدل تمام ضروري آهي. هن چيو ته عدالتي انصاف جي عمل ۾ سڀ کان پهريون ۽ اهم ڪردار ججن جو آهي. ججن جي فرضن ۾ شامل آهي ته اهي آئين ۽ قانون جي مطابق فيصلا ڪن، نه ڪي پنهنجي مرضي يا خواهش مطابق فيصلا ڪن. عدالتي ۽ قانوني ڪارروائيءَ جا اصول اڳ ئي مقرر ٿيل آهن. جج کي من ماني يا غير محدود اختيار استعمال ڪرڻ جي اجازت ناهي. جج کي قانون موجب فيصلو ڪرڻو آهي. قانون کان هٽي ڪري ڪيل فيصلي سان سماج جو عدالتي نظام تان اعتماد ختم ٿي ويندو. نظام عدل ۾ ٻيو اهم ڪردار وڪيلن جو آهي. سماج ۾ وڪيل جو ڪردار انصاف جي محافظ. قانون جي حڪمراني برقرار رکڻ، هر ڪنهن لاءِ قانوني سروس مهيا ڪرڻ ۽ انصاف تائين رسائيءَ کي يقيني بڻائڻ آهي. وڪيل، شهرين ۽ قانون جي وچ ۾ موجود فرق کي ختم ڪن ٿا. انصاف جي فراهميءَ ۾ هڪ ٻيو اهم ڪردار بار ايسوسيئيشن جو آهي. بار ايسوسيئيشن جو ڪردار وڪيلن جي اخلاقي روي کي ريگيوليٽ ڪرڻ، عوام لاءِ قانوني خدمت تائين رسائي آسان ڪرڻ ۽ انصاف جي راهه ۾ پيش ايندڙ رڪاوٽن کي دور ڪرڻ آهي. وڪيل پنهنجي قابليت ۽ ايمانداريءَ سان عدليه جي آزادي ۽ قانوني پيشه ورانه عمل کي انجام ڏين ٿا، جنهن جو بنيادي مقصد قانوني خدمتون سيني تائين پهچائڻ آهي. بحيثيت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، مون سرڪاري فرضن جي انجام ڏهي سان گڏ هڪ مضبوط عدالتي انصاف جي نظام لاءِ ڪوششون ڪيون آهن. سستو ۽ تيز انصاف صرف قانون ذريعي نه، پر اثرائتي عدالتي نظام سان به ممڪن ٿئي ٿو عدالتي بهتري صرف هڪ فرد جو معاملو ناهي، پر اهي قدم عدالت جي آزادي، اداري جي سالميت ۽ قانون جي حڪمرانيءَ لاءِ لازمي آهن. چيف جسٽس آف پاڪستان جي هدايتن تي عمل ڪندي، 'انصاف پروگرام ذريعي ڊجيٽل تبديلي ۽ عدالتي انفراسٽرڪچر کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان سلسلي ۾ مون ننگرپارڪر جي ڪورٽ کي جيڪا سنڌ ۽ پاڪستان جي آخري ڪورٽ سمجهي ويندي آهي .هڪ پائلٽ پروجيڪٽ يا ماڊل ڪورٽ طور چونڊيو. هتي سول جج ڪورٽ ۾ اي_لائبريري، سولر سسٽم، واٽر فلٽريشن پلانٽ وغيره قائم ڪيا ويا آهن. ننگرپارڪر کان علاوه خيرپور، شڪارپور، ڪنڌڪوٽ، ڪشمور، دادو، قمبر_شهدادڪوٽ ۽ جامشورو سميت ٻين ضلعن ۾ صرف ڇهن مهينن ۾ سولرائزيشن ڪئي وئي آهي. جتي ضرورت هئي اتي واٽر فلٽر پلانٽ، واٽر ڪولر، ۽ لائيٽن جون سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن. نئين ڪورٽ رومز ۽ ججز جي چيمبرز لاءِ 628 سي ايل ايفس فراهم ڪيا ويا آهن. ٿرپارڪر ۾ هن پروگرام تحت ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر مٺي ۾ ايئر ڪنڊيشن فيملي ڪورٽ، هڪ واٽر ڪولر، فلٽريشن سهوليت ۽ اضافي 6 ڪلوواٽ جو سولر سسٽم، تعلقه ڏيپلو ڪورٽ ۾ سولر سسٽم، تعلقه چاڇرو ڪورٽ ۾ سولر سسٽم، تعلقه ننگرپارڪر ڪورٽ ۾ سولر سسٽم ڏنو جڏهن ته اي_لائبريريون به ڏنيون آهن جنهن ۾ تعلقه ڪورٽ ڏيپلو، تعلقه ڪورٽ ننگرپارڪر، تعلقه ڪورٽ چاڇرو ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن مٺيءَ لاءِ اي_لائبريريون قائم ڪيون ويون آهن.ٽ ڊسٽرڪٽ بار ۽ سيشن ڪورٽ لاءِ سولر سسٽم، 4 واٽر ڊسپينسر، ايئر ڪنڊيشنر، ۽ مٺي جي جوڊيشل ڪمپليڪس جي گراؤنڊ فلور لاءِ اضافي سولر سسٽم ڏنو آهي. ان کان اڳ بار جي صدر وڪيل قيمت راءِ ولاسائي آجياڻو پيش ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 05

عال ۽ منظم بڻائڻ لاءِ اڄ کان تعلقي ميرپور ساڪرو جو ٽن ڏينهن وارو يونٽ وائز تفصيلي تنظيمي دورو شروع ڪيو ويو ضلعي جنرل سيڪريٽري مولانا محمد سليم عاطف جي قيادت ۾ ضلعي وفد اڄ يونٽ غلام الله، يونٽ سومار هوٽل، يونٽ مولوي عبدالحليم بلوچ، يونٽ حاجي هارون بلوچ، يونٽ مولوي ابوبڪر؛ يونٽ ٻاروسري ۽ يونٽ احمد خان ڪلمتي بلوچ جو دورو ڪيو. دوري دوران لاڳاپيل يونٽن جي جنرل ڪائونسل جي اجلاسن کي خطاب ڪندي تنظيمي صورتحال ڪارڪردگي ۽ ايندڙ لائحه عمل بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اجلاسن ۾ سکر ۾ ٿيندڙ امن عالم اجتماع جي تيارين تنظيم کي يونٽ سطح تائين وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائڻ ڪارڪنن جي تنظيمي ذميوارين ۽ ايندڙ سرگرمين بابت اهم هدايتون ڏنيون ويون ان موقعي تي اڳواڻن سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون صوبن جي قيام بابت جاري بحث علائقي ۾ بدامني، وڌندڙ مهانگائي ۽ آبادگارن کي سارين جو مناسب اگهه نه ملڻ سميت عوامي ۽ معاشي مسئلن تي پڻ تفصيلي روشني وڌي. اڳواڻن چيو ته عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ ڪارڪنن کي منظم طريقي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تنظيمي سطح تي رابطا وڌيڪ مضبوط ڪيا ويندا ضلعي وفد پاران تعلقي ميرپور ساڪرو جي مختلف يونٽن جو هي ٽن ڏينهن وارو تنظيمي دورو جاري رهندو جنهن دوران وڌيڪ يونٽن جي جنرل ڪائونسلن سان ملاقاتون ۽ تنظيمي معاملن تي مشاورت ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 06

سرڪاري معاملن سان ڪوبه قانوني واسطو ناهي، هن ڊائريڪٽر آفيس کي باقاعدي پنهنجو ذاتي ٺڪاڻو ۽ اڏو بڻائي ورتو آهي. مذڪوره شخص ڏينهن جو وڏو حصو سرڪاري آفيس جي حدن اندر ويهي گذاري ٿو جتي پيرسن ۽ مجبور رٽائرڊ ملازمن کي گهرائي ڪلرم ڪلاپئسن جي سوديبازي ۽ مڪ مڪا ڪيا وڃن ٿا. ڊائريڪٽر صاحب وٽان فائل پاس ڪرائڻ ۽ ٽريري آفيس مان ڪيس ڪليئر ڪرائڻ جي نالي تي غريب پينشنرز کان ڳريون رقمون ڦريون پيون وڃن. هي معاملو فڪر جوڳو آهي ته جا هڪ پبلڪ آفيس، جيڪا ملازمن ۽ عوام جي سهولت لاءِ قائم ڪئي وئي هئي، هاڻي نجي ايجنٽ مافيا ۽ رشوت ستانيءَ جو گڙهه بڻجي چڪي آهي؟ هڪ غير متعلق رٽائرڊ شخص کي آفيس ٽائيم ۾ سرڪاري ڪرسيين تي ويهي ڪلرم ڪلاڊيلنگ ڪرڻ جي کلي ڇوٽ ڪنهن جي پنپيرائيءَ تي مليل آهي؟ اعليٰ اختيارين، خاص طور وزير تعليم ۽ سيڪريٽري ايجوڪيشن کي گهرجي ته هو ان سنگين معاملي جو فوري طور پاڻمرادو (ازخود) نوٽيس وٺن، سرڪاري آفيسن ۾ غير متعلق ماڻهن ۽ ايجنٽن جي اچڻ وڃڻ تي مڪمل ب پاڪ ڪن

بقايا عوامي سوچ 07

سبب بليڪ مارڪيٽنگ ۽ منشيات جو ڪاروبار عروج تي پهچي ويو آهي. ذريعن موجب، سڄي ضلعي ٺٽي ۾ سماجي برائين جي حوالي سان ساموندي پٽيءَ جا شهر هن وقت ٽاپ لسٽ تي آهن. ڳاڙهو ۽ ٻگهاڻ ٿاڻن جي حدن ۾ ايندڙ مختلف ساموندي ٽڙن تان روزاني جي بنياد تي ڪيترائي هوڙا منشيات ۽ ٻئي غير قانوني سامان سان ڀرجي اچن ٿا. علائقي ۾ آئيس، هيروئن، چرس، گھٽڪا سوپاري ۽ ايراني تيل جي اسمگلنگ جو ڌنڌو بغير خوف جي سرعام جاري آهي، جنهن مقامي نوجوان نسل جي مستقبل کي داءَ تي لڳائي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پوليس سروس مان ڊسمس (برطرف) ٿيل پوليس اهلڪار نصرالله سمون نالي شخص هن پوري غير قانوني نيٽ ورڪ جو مک مهندار بڻيل آهي. منشيات فروشن ۽ بليڪ مارڪيٽنگ ڪندڙن سان سندس مضبوط تعلقات هجڻ سبب هو علائقي ۾ ايترو ته باااثر ۽ طاقتور بڻجي چڪو آهي جو ڳاڙهو ۽ ٻگهاڻ ٿاڻن تي مقرر ٿيندڙ هر نئون ايس ايڇ او ڪيس اسپيشل ڊيوٽي تي رکڻ تي مجبور ٿي پوي ٿو. اطلاعن موجب مذڪوره برطرف اهلڪار نصرالله سمون ئي منشيات جي ڊيلرن ۽ پوليس آفيسرن وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ هو پنهجي ٿاڻن جي حدن ۾ غير قانوني ڌنڌن تان منشيات فروشن کان لکين روپيا "هفتو" وصول ڪري ايس ايڇ اوز تائين پهچائي ٿو جنهن جي عيوض پوليس پاران انهن ڌوهارين کي کلي موڪل ڏني وئي آهي. علائقي جي عوام، سڄاڻ ڌرين ۽ سماجي اڳواڻن ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي ته منشيات جي کلي عام وڪري سبب علائقي جو امن امان خطري ۾ پئجي ويو آهي ۽ نوجوان نسل هن زهريلي نشي سبب تباهه ٿي رهيو آهي. هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٺٽو کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته معامل جو فوري نوٽيس وٺي برطرف اهلڪار نصرالله سمون ۽ سندس پنيرائي ڪندڙ ايس ايڇ اوز خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي، ۽ علائقي مان منشيات جي اڏن جو مڪمل خاتمو آندو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 08

آهي. ان موقعي تي عوامي راج تحريڪ جي اڳواڻن چيو ته ضلعي ٺٽي جا نوجوان بيروزگاري سبب سخت پريشان آهن. روزگار جا مناسب موقعا فراهم نه ٿيڻ ڪري نوجوانن ۾ مايوسي وڌي رهي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته مقامي نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪري بيروزگاري جو خاتمو آندو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته مڪلي مارڪيٽ جي قديمي مسجد جي تعمير پڻ جلد شروع ڪرائي وڃي، جيئن علائقي جي رهواسين ۽ نمازين کي درپيش مسئلو حل ٿي سگهي. احتجاج ڪندڙن مطالبن جي مڃتا تائين احتجاجي ڪيمپ جاري رکڻ جو اعلان ڪيو

بقايا عوامي سوچ 09

جي شٽنگ ۾ لڳ ڀڳ ڇهه آني لوهه استعمال ڪري ان کي تقريبن 9 انچ جي فاصلي تي رکيو پيو وڃي، جنهن سبب تعمير جي معيار بابت خدشا پيدا ٿي ويا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته اسڪول جي نئين تعمير لاءِ بنياد پراڻي فائونڊيشن متان ئي رکيو پيو وڃي، جڏهن ته پراڻي عمارت ڊاهي حاصل ڪيل پٿر پڻ ٻيهر استعمال ڪيو پيو وڃي. ٻڌايو وڃي ٿو ته نئون پٿر صرف پنج ٽرڪن جي مقدار ۾ آندو ويو آهي، جنهن ڪري تعميراتي ڪم ۾ نئين ۽ پراڻي مواد جي استعمال بابت سوال اڀري رهيا آهن. مقامي ماڻهن موجب اسڪول جي تعمير لاءِ 35 لک رپين جي بجيٽ مقرر ٿيل آهي، ٺيڪيدار تعميراتي ڪم ۾ استعمال ٿيندڙ سريي، سيمينٽ، پٿر ۽ بنياد جي فني معيار جي شفاف طريقي سان جاچ ٿيڻ گهرجي. علائقي واسين لاڳاپيل تعليم ڪاتي، ورڪس اينڊ سروسز ڪاتي ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي تعميراتي ڪم جو فني معائنو استعمال ٿيل مواد جي ليبارٽري ٽيسٽ، منظور ٿيل تخميني (BOQ) ۽ خرچن جي رڪارڊ جي جانچ ڪرائي وڃي. جيڪڏهن ضابطن جي ڀڃڪڙي يا سرڪاري فنڊن جي غلط استعمال ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. هن سلسلي ۾ لاڳاپيل ٺيڪيدار ۽ ڪاتي جي عملدارن جو موقف سامهون نه اچي سگهيو؛ موقف ملڻ تي خبر ۾ شامل ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 10

اي ادي هيرسوهو ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، عبداللطيف ميمڻ، محمد خان ڪچي، سردار واحدڏنو پرهياڙ، محمد صديق ميمڻ، زاهد ڪڏو، شهمير گبول، سائين شفقت شاهه متياري، مراد چانڊيو شعبان بڪڪ، دائود سومرو، محمد ابراهيم سوهو عارف اپڙو، گلاب ڪوڙ، حاجي عبدالشڪور لوهار، ارسلان ميمڻ، ملڪ شعيب پنهور، جنيد ميمڻ، لطيف اڪبر شاهه، اسد ميمڻ، سرمد ميمڻ ۽ ٻيا معزز پڻ موجود هئا. بعد ۾ صوبائي وزير ۽ پ پ ضلعي سڄاول جي صدر محمد علي ملڪاڻي، پ پ اڳواڻ لطيف ميمڻ ۽ ڊاڪٽر اقبال ميمڻ دڙو_ٻيلو روڊ تي هٿياربندن هٿان قتل ٿيل نياڻي شهيد مرڪ ميمڻ جي تڏي تي پهچي سندس وارثن سان تعزيت ڪئي. ان موقعي تي شهيد مرڪ ميمڻ جي والد رجب ميمڻ، مامون بابو ذوالفقار ميمڻ، پ پ ضلعي سڄاول جي اڳواڻ عبدالواحد پرهياڙ، زاهد حسن ڪڏو، دائود سومرو، محمد صديق ميمڻ، مير شعبان بڪڪ، محمد خان ڪچي، جسقم اڳواڻ ڪامريڊ عزيز سومرو سميت مختلف سياسي، سماجي ۽ تنظيمي اڳواڻ ۽ علائقي جا شهري پڻ موجود هئا. صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي شهيد مرڪ ميمڻ جي وارثن سان همدردي جو اظهار ڪندي واقعي تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ مرحومه لاءِ مغفرت ۽ وارثن لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي

بقايا عوامي سوچ 11

۾ جي پوزيشن هولڊر ٽرجي شاگردن جي اعزاز ۾ منعقد ڪيل ۾ خصوصي شرڪت ڪري شاگردن ۾ تحفا ۽ انعام ورهايا. ان موقعي تي ٽاپ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن کي تعريفي سرٽيفڪيٽس، روايتي سنڌي اجرڪ ۽ ٽري شال جا تحفا پيش ڪيا ويا، جڏهن ته محمد يوسف نيو ڪراچي ٽائون پاران ٽرجي پوزيشن هولڊر شاگردن لاءِ ليپ ٽاپ ڏيڻ جو به اعلان ڪيو. تقريب ۽ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن چيو ته محنت ڪرڻ وارو ئي نام پائيندو، علم ڪنهن جي ميراث ناهي حقيقت اها آهي ته جن ٻارن کي آسائشون ملن ٿيون اهي اڪثر محنت ناهن ڪري سگهندا. هن چيو ته تعليم، صحت ۽ تحفظ هر شهرين جو بنيادي ۽ آئيني حق آهي، چاهي ڪو اسلام آباد ۾ رهندو هجي، لاهور ۾ يا ٿرپارڪر ۾، هر ٻار جو حق آهي ته ڪيس هڪجهڙي ۽ معياري تعليم مفت فراهم ڪئي وڃي. پر افسوس جو سنڌ ۾ 78 لک ٻار اسڪولن کان محروم آهن. اسڪولن جي حالت زار خراب آهي، ڪٿي ڇت ناهي ته ڪٿي پيئڻ جو پاڻي ۽ واش روم غائب آهن. جڏهن ته ڏک سان چوڻو پوي ٿو ته سنڌ ۾ بورڊ جو رزلٽ بڪجي ٿو ۽ مارڪس خريد ڪيا ويندا آهن. يونيورسٽين جون فيسون نالي ماترم حد تائين وڌائي غريبن لاءِ تعليم جا در بند ڪيا ويا آهن. پيٽروليم ليوي بابت ڳالهائيندي هن چيو ته اهو عوام کان مڙهيل ناجائز ٽئڪس آهي، جنهن خلاف جماعت اسلامي ملڪ گير احتجاج ڪيو وزيراعظم جي واعدي ۽ درخواست تي دهرنو موخر ڪيو ويو هو. هاڻي ملڪ واپس اچڻ کان پوءِ وزيراعظم پنهنجو واعدو پورو ڪري ۽ پيٽروليم ليوي ختم ڪري عوام کي ريليف ڏئي، ٻي صورت ۾ ملتان کان اسلام آباد ڏانهن ڪاروان روانا ٿيندا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ان سلسلي ۾ سڄي ملڪ مان 2 ڪروڙ صحيحن جي شروعات به ڪئي وئي آهي. محمد يوسف چيو ته جماعت اسلامي ڪنهن به لساني تقسيم تي يقين نٿي رکي. ڏڪار ۽ مشڪل وقت ۾ به مرحوم نعمت الله خان 70 سالن جي عمر ۾ ٿر ۾ اچي ميني پاڻي جا کوهه ۽ اسڪول قائم ڪيا هئا. پيپلز پارٽي سنڌ جي شهرن ۽ ٻهراڙين جو استحصال ڪيو آهي، جڏهن ته جماعت اسلامي اڄ به سڄي سنڌ جي ٻارن جي حقن لاءِ پيش پيش آهي. هن چيو ته 40 نوان صوبا بڻائڻ سان به عام ماڻهو جا مسئلا حل نه ٿيندا، پر عوام جا مسئلا تڏهن حل ٿيندا جڏهن مقامي حڪومتن کي بااختيار ۽ باوسيل بڻايو ويندو. جڏهن هيٺئين سطح تي تعليم، صحت ۽ پاڻي ملي ويندو ته نوان صوبا ٺاهڻ جي ضرورت ئي پيش نه ايندي.

بقايا عوامي سوچ 12

ش ڪئي پئي وڃي. متاثر ڌر جي وارث حافظ ڏٽي ڏنو جاڪرو عوامي پريس ڪلب دڙو پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته سندس سئوٽ الهڏنو جاڪرو انتهائي غريب مسڪين ۽ شريف ماڻهو آهي، جنهن جي سروي ٿيل زمين تي ڳوٺ جي ڪجهه شرپسند عناصرن ۽ قبضا مافيا طرفان قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو ته هن زمين تان اڳ به قبضو ختم ڪرائڻ لاءِ راڄ جي چڱن مڙسن وٽ ڪيترائي ڀيرا فيصلا ٿيا آهن، جڏهن ته مرحوم سائين اڪرم شاهه شيرازي وٽ پڻ هن زمين جو فيصلو ٿيل آهي، جنهن اها زمين الهڏنو جاڪرو حوالي ڪئي هئي، جنهن جي لکت موجود آهي، حافظ ڏٽي ڏنو جاڪرو جو وڌيڪ چوڻ هو ته مخالف ڌر انهي فيصلي کي مڃڻ کان انڪار ڪيو جنهن ڪانپوءِ اسان عدالت سڳوري سان رجوع ڪيو. جتي عدالت سيني ڳالهين کي ٻڌڻ ڪانپوءِ فيصلو الهڏنو جاڪرو جي حق ۾ ڏنو ڪورٽ جي فيصلي جا سمورا ڪاغذ اسان وٽ موجود آهن جيڪي اسان ايس ايڇ او ۽ ٻيلو کي پڻ ڏنا آهن. هن چيو ته سامهون واري ڌر جنهن ۾ تاج محمد جاڪرو اسان جي خلاف ڪوڙي ۽ بي بنياد پريس ڪانفرنس ڪري مونکي ۽ منهنجي پارٽي کي بدنام ڪري اسان جي عزت کي مجروح ڪري رهيو آهي، آخر ۾ هن اعليٰ اختيارين، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي سڄاول ۽ ڊي سي سڄاول کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ زمين تي قبضي جي ڪوشش ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 13

يئن ليگ جي ڇوٽين ايڊيشن ۾ ڪراچي آرچرز جي نمائندگي ۽ ڪپتاني جو موقعو ڏنو. ساجد علي عباسي چيو ته هو خاص طور تي محترمه رخسانه راجپوت ۽ پاڪستان ويل چيئر ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪپتان محمد ذيشان جو شڪرگذار آهي، جن هن تي اعتماد ڪيو ۽ هن کي هي اهم ذميواري سونپي. هن چيو ته اهو منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي ۽ مان انهن جي اعتماد تي پورو لهڻ جي پوري ڪوشش ڪندس. هن وڌيڪ چيو ته انشاءَ الله ڪراچي آرچر ٽيم هڪ مضبوط ۽ بهترين ٽيم جي حيثيت سان ميدان ۾ لهندي ۽ اهي پوري ايمانداري، محنت ۽ لگن سان پنهنجي ذميواري پوري ڪندي. ساجد علي عباسي پاڪستان ويل چيئر ڪرڪيٽ ڪائونسل جي ويل چيئر ڪرڪيٽ کي فروغ ڏيڻ ۽ راندين جي ميدان ۾ خاص ماڻهن کي موقعا فراهم ڪرڻ جي ڪوششن کي به ساراهيو پاڪستان چيمپئن ليگ جو ڇوٽون ايڊيشن ويل چيئر ڪرڪيٽ رانديگرن لاءِ پنهنجي صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ ۽ قومي سطح تي راند کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جو هڪ اهم موقعو ثابت ٿيندو

بقايا عوامي سوچ 14

يو دوري دوران هن ڪنري، ساماري ۽ پٿوري ۾ نئين تعمير ٿيل سول ڪورٽن جي عمارتن جو باقاعده افتتاح ڪيو. ان موقعي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جسٽس ظفر احمد راجپوت لاڳاپيل عدالتن جو دورو ڪندي نئين تعمير ٿيل عمارتن جي مختلف حصن، عدالتي سهولتن ۽ آفيسن جي انتظامن جو جائزو ورتو هن عدالتن جي آفيسرن ۽ عملي سان ملاقات پڻ ڪئي ۽ عدالتي معاملن، انتظامي ڪمن ۽ موجود سهولتن بابت بريفنگ حاصل ڪئي. دوري دوران ساڻس گڏ جسٽس رياضت علي سحر، جسٽس جان علي جونيجو جسٽس خالد حسين شاهياڻي، جسٽس محمد همايون خان، سنڌ هاءِ ڪورٽ جو رجسٽرار آصف مجيد قريشي، ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عمرڪوٽ عنايت الله پٿو، ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ نويد الرحمان لاڙڪ، ايس ايس پي عمرڪوٽ سهائي عزيز ٽالپر، ايڊيشنل سيشن جج عمرڪوٽ، سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ ڪنري جئي سورج، سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ سامارو سجاد علي جمالي، سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ پٿورو شاهرخ ميمڻ، اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنري محمد خان، اسسٽنٽ ڪمشنر سامارو سنجي ڪمار، اسسٽنٽ ڪمشنر پٿورو غلام علي طارق،ٽائون آفيسر پٿورو سيد شمشير علي شاهه، عدالتي آفيسر ضلعي عمرڪوٽ جي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جو صدر اظهر آرائين، وڪيل برادري جا ٻيا نمائندا ۽ ضلعي انتظاميا جا آفيسر پڻ موجود هئا. ان موقعي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عدالتي آفيسرن ۽ عملي سان ملاقات دوران عدالتن جي معاملن ۽ عوام کي وقت سر انصاف فراهم ڪرڻ بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي. هن نئين تعمير ٿيل عدالتي عمارتن ۽ مهيا ڪيل سهولتن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عمرڪوٽ ۽ لاڳاپيل عدالتي آفيسرن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي ضلعو عمرڪوٽ جي عدالتي نظام، عدالتن جي ڪارڪردگي، انتظامي معاملن ۽ مختلف عدالتن ۾ موجود سهولتن بابت آگاهي ڏني. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي دوري تي وڪيل برادري ۽ ضلعي انتظاميا جي نمائندن پڻ سندس آجيان ڪئي. هن دوري کي مجموعي طور ضلعو عمرڪوٽ ۾ عدالتي نظام ۽ عدالتن جي بنيادي ڍانچي جي حوالي سان هڪ اهم اڳڀرائي قرار ڏنو ويو. ان موقعي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ٻين ججن سان گڏ سول ڪورٽ ڪنري ۽ سول ڪورٽ پٿورو ۾ وڻ پڻ پوکيا ۽ خير ۽ برڪت لاءِ دعا گهري. هن سول ڪورٽ سامارو ۽ سول ڪورٽ پٿورو ۾ قائم اي لائبريرين جو پڻ جائزو ورتو.

بقايا عوامي سوچ 15

۽ مبينا بي ضابطگين جا انڪشاف ٽنڊو محمد خان ضلعي جي تڪ پي ايس_67 بلڙي شاهه ڪريم ۾ مختلف روڊن جون اٺن کان وڌيڪ ترقياتي اسڪيمون مبينا طور رولڙي جو شڪار ٿي ويون آهن، جڏهن ته ڪيترن ئي روڊن جو تعميراتي ڪم نامڪمل هجڻ ۽ ناقص مٽيريل جي استعمال سبب روڊن جي حالت خراب ٿيڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن. بلڙي شاهه ڪريم کان ڪورواهه ويندڙ اهم روڊ، جيڪو علائقي جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن کي ڳنڍيندڙ اهم مواصلاتي رستو آهي، هنڌان هنڌان ٽٽي ۽ اکڙي وڃڻ سبب سفر ڪندڙ ماڻهن لاءِ سخت پريشاني جو سبب بڻيل آهي. علائقي واسين موجب هي روڊ ڊگهي عرصي کان مرمت ۽ نئين سر تعمير جو منتظر آهي، جڏهن ته وڏي عرصي کان پوءِ به روڊ جو صرف لڳ ڀڳ ٽي ڪلوميٽر حصو تعمير ٿي سگهيو آهي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته بلڙي شاهه ڪريم_ڪورواهه روڊ کان علاوه آبادگار روڊ، سويو خان چانڊيو روڊ، بلڙي شاهه ڪريم_پٽن روڊ، ڏتا_جنهاڻ روڊ، انت سمون_وائين روڊ ۽ موري_قادرڏنو شاهه سميت ڪيترن ئي روڊن جون حالتون انتهائي خراب آهن، جنهن سبب مسافر گاڏين جي اچ وڃ متاثر ٿيڻ سان گڏ هزارين ڳوٺاڻن کي روزاني سفر ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو مقامي رهواسين موجب بلڙي شاهه ڪريم_ڪورواهه روڊ علائقي لاءِ انتهائي اهميت رکي ٿو جيڪو ڪورواهه سان گڏ گولاڙچي، بدين، ڪڙيو گهنور ۽ ٻين شهرن ڏانهن اچ وڃ جو اهم ذريعو آهي. روڊ جي خراب حالت سبب علائقي واسين کي ڪاروبار، تعليم، علاج ۽ ٻين ضروري ڪمن لاءِ سفر دوران سخت مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن. ڳوٺاڻن دعويٰ ڪئي آهي ته مذڪوره روڊ مختلف وقتن تي منظور ٿيڻ ۽ ٽينڊر ٿيڻ باوجود مڪمل نه ٿي سگهيا آهن. سندن چوڻ آهي ته روڊن جي تعمير لاءِ جاري ٿيندڙ ترقياتي فنڊن جي استعمال بابت پڻ سوال اٿاريا پيا وڃن، جڏهن ته ڪجهه ماڻهن پاران مبينا جعلي بلن ۽ بوگس اڪائونٽن ذريعي سرڪاري رقم جاري ڪرڻ جا الزام پڻ لڳايا ويا آهن. علائقي واسين مطالبو ڪيو آهي ته روڊن جي تعمير لاءِ جاري ڪيل فنڊن، ٽينڊر جي عمل، تعميراتي معيار ۽ ڪم جي نگراني بابت شفاف جاچ ڪرائي وڃي. سندن مطالبو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن انجنيئر، ايس ڊي او، ٺيڪيدار يا لاڳاپيل اهلڪار پاران ضابطن جي ڀڃڪڙي يا سرڪاري فنڊن جي مبينا غلط استعمال ۾ ملوث هجڻ ثابت ٿئي ته قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. رهواسين جو چوڻ آهي ته عوام چونڊيل نمائندن کي ووٽ ڏئي علائقي جي بنيادي مسئلن جي حل جون اميدون رکي ٿو، تنهن ڪري روڊن جهڙي بنيادي سهولت جي فراهمي لاءِ چونڊيل نمائندن ۽ لاڳاپيل سرڪاري ادارن کي سنجيده قدم کڻڻ گهرجن. علائقي واسين سنڌ حڪومت، روڊس ڪاتي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته بلڙي شاهه ڪريم_ڪورواهه روڊ سميت خراب ٿيل سمورن روڊن جو فوري طور تي فني معائنو ڪرايو وڃي، تعميراتي معيار جو جائزو ورتو وڃي ۽ نامڪمل منصوبن جو ڪم جلد مڪمل ڪرائي هزارين مسافرن ۽ ڳوٺاڻن کي درپيش سفري مشڪلاتن مان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 16

ن ٿاڻي جي حد لنڊ محلي ۾ چتن ڪتن جي حملي سبب نوجوان فراز ولد ممتاز برهماڻي شديد زخمي ٿي پيو. جڏهن ته ڪتن کان بچڻ لاءِ ڀڄندي سندس ٽنگ ڀڄي پئي، جنهن کي علاج لاءِ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمي نوجوان ۽ سندس وارثن ميونسپل انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته شهر جي هر وارڊ ۾ ڪتا مار مهم کي اثرائتي نموني فعال ڪيو وڃي ته جيئن شهرين، خاص طور معصوم ٻارن کي چتن ڪتن جي حملن کان بچائي سگهجي. شهرين جي احتجاج ۽ وڌندڙ شڪايتن جو نوٽيس وٺندي ميونسپل ڪاميٽي دادو جي چيئرمين پير دانش علي شهر جي مختلف محلن ۾ ڪتا مار مهم شروع ڪرائي ڇڏي، جنهن دوران ميونسپل عملي پاران 36 چتا ڪتا ماريا ويا آهن. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته مهم کي سمورن علائقن تائين وڌائي مستقل بنيادن تي جاري رکيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 17

ڪ تقريب منعقد ڪئي وئي ميرپورخاص ضلعي انفارميشن آفيس ٿرپارڪر جي سينئر فوٽوگرافر پرت لال شرما جي 60 سال سروس مڪمل ڪرڻ کان پوءِ رٽائر ٿيڻ تي اطلاعات ڪاتي ميرپورخاص ۾ هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي. ان موقعي تي خاص مهمان اڳوڻي ڊائريڪٽر جنرل انفارميشن سوائي خان چلگري، اعزازي مهمان ڊائريڪٽر انفارميشن فلمز ڪراچي حزب الله ميمڻ، ڊائريڪٽر انفارميشن حيدرآباد شهزاد شيخ، ڊائريڪٽر انفارميشن ميرپورخاص شبانه چنا، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن ميرپورخاص غوث محمد پناڻ، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن ميرپورخاص غلام رضا ڪوسو انچارج ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن ٽنڊو محمد خان ياسر نواز ميمڻ، انفارميشن آفيسر ميرپورخاص مهيش ڪمار ۽ ٻيا آفيس اسٽاف شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي اڳوڻي ڊائريڪٽر جنرل آف انفارميشن سوائي خان چلگري چيو ته پرت لال شرما پنهنجي دور ۾ فوٽوگرافي ذريعي ڪاتي ۽ ٿرجي سڃاڻپ ڪرائي ۽ ٿر جهڙن علائقي مان تصويرون بروقت اخبارن ۾ موڪليون، جيڪي ڪاتي لاءِ اعزاز جو سبب بڻيون. هن وڌيڪ چيو ته پرت لال شرما تمام گهٽ وقت ۾ پنهنجي سٺي ڪارڪردگي ذريعي ڪاتي جي سڃاڻپ ڪئي . ان موقعي تي انفارميشن فلمز ڪراچي جي ڊائريڪٽر حزب الله ميمڻ چيو ته پرت لال شرما جي عهدو مڪمل ڪرڻ جي اعزاز ۾ تقريب منعقد ڪرڻ هڪ ملازم کي حوصلا افزائي ڪري ٿو تنهن ڪري اهڙا پروگرام منعقد ڪرڻ تمام ضروري آهي ۽ چيو ته پرت لال شرما پنهنجي فوٽوگرافي جي فن سان گڏوگڏ پنهنجي لڳنين ذريعي سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي کي اجاگر ڪيو ۽ ٿرجهڙي علائقي جي آواز بڻجي ويا. ان موقعي تي انفارميشن حيدرآباد جي ڊائريڪٽر شهزاد شيخ چيو ته اهو سٺو عمل آهي ته ملازمت جو مدو پورو ڪرڻ کان پوءِ رٽائر ٿيندڙ ملازمن جي اعزاز ۾ اهڙيون تقريبون منعقد ڪيون وڃن، جيڪي انهن ملازمن جي ڪم عيوض حوصلا افزائي جو سبب بڻجن ٿيون. ان موقعي تي ڊائريڪٽر انفارميشن ميرپورخاص شبانه چنا چيو ته پرت لال شرما کي ايمانداري، لگن ۽ محنت سان ڪم ڪرڻ تي هي اعزاز حاصل ٿيو آهي. اطلاعات ڪاتي لاءِ سندس خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. ان موقعي تي پرت لال شرما سيني آفيسرن ۽ عملي جو شڪريو ادا ڪيو جن هن جي اعزاز لاءِ اهڙي قسم جو پروگرام منعقد ڪيو . ان موقعي تي سندس سروس مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، ڊويزنل ڊائريڪٽر اطلاعات ميرپورخاص پاران سندس خدمتن جي اعتراف ۾ ڪيس تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ اعزازي شيلڊ پڻ ڏني وئي. پروگرام جي اسٽيج سيڪريٽري جا فرض غلام علي قادري سرانجام ڏنا.

بقايا عوامي سوچ 18

ٿليسيميا ڪيئر سينٽر) پاران عورتن لاءِ هڪ ڏينهن واري مفت طبي ڪيمپ اڱاري جي ڏينهن، 6 آڪٽوبر 2026ع تي منو ڀائي ٿليسيميا ڪيئر سينٽر، بدين ۾ منعقد ڪئي وئي. هن مفت طبي ڪيمپ ۾ جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (JPMC)، جناح اسپتال ڪراچي جي ماهر گائناڪالوجسٽ ڊاڪٽرن جي ٽيم عورتن جو مفت طبي معائنو ۽ مشورو فراهم ڪيو. ڪيمپ دوران عورتن جي مختلف بيمارين، اولاد نه ٿيڻ جي مسئلن، رحم جي بيمارين ۽ ڪينسر جي چڪاس بابت ماهر ڊاڪٽرن کان مفت طبي صلاح ۽ معائنو فراهم ڪيو ويو. ڪيمپ ۾ شريڪ ٿيندڙ ماهر ڊاڪٽرن ۾ : ڊاڪٽر نگهت علي شاهه— پروفيسر آف گائناڪالوجي، وارڊ 9_B ڊاڪٽر ارم ماجد شيخ— ماهر گائناڪالوجسٽ ۽ فيٽو_ميٽرنل ميڊيسن شامل هيون. ڪيمپ دوران ضرورت موجب آپريشن ۽ وڌيڪ علاج لاءِ مريضن جي رجسٽريشن ۽ ڪيسن جي نشاندهي پڻ ڪئي وئي، ته جيئن ضرورت مند عورتن کي مناسب طبي سهولتون فراهم ڪري سگهجن. مفت طبي ڪيمپ اڱاري جي ڏينهن، 6 آڪٽوبر 2026ع تي صبح 9 وڳي کان شام 3 وڳي تائين منعقد ڪئي وئي

بقايا عوامي سوچ 19

ي، قومي اڳواڻن، دوستن، مٽن مائٽن ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ٽيجي جي موقعي تي سومرو اتحاد تنظيم جي چيئرمين پڻ خصوصي شرڪت ڪئي ۽ مرحوم جي وارثن سان تعزيت ڪندي سندن ڏک ۾ شريڪ ٿيو ان موقعي تي مرحوم جي ايصالِ ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ دعا پڻ ڪئي وئي. اسلامي ۽ سماجي روايت موجب مرحوم جي وڏي پٽ کي پڳ ٻڌرائي وئي، جنهن ڪانپوءِ مرحوم جي مغفرت، بلند درجات ۽ وارثن لاءِ صبر جميل جي دعا گهري وئي. ٽيجي جي موقعي تي شرڪت ڪندڙن مير مختيار سومرو ۽ سندس خاندان سان دلي همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته والدين جو وڇوڙو خاندان لاءِ وڏو صدمو هوندو آهي. الله پاڪ مرحوم کي پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي.

بقايا عوامي سوچ 20

رهي آهي، ڏوڪري ۾ مختلف برداري جي ماڻهن سان سندن پيارن جي وڇوڙي تي تعزيتن بعد چٽي هن وڌيڪ چيو ته ڏوڪري باقراڻي واسين جي لاءِ اسڪولن کي اپ گريڊ ڪرائڻ پيور بلاڪ عوام کي صاف ۽ مٺو پاڻي لاءِ آر او پلانٽ سميت ترقياتي ڪم ڪرائي رهيا آهيون، هن وڌيڪ چيو ته پي ايس 13 جي عوام جي بنا فرق جي خدمت ڪري رهيا آهيون ان موقعي تي ٽائون چيئرمين عبدالحميد جيسر، اڳوڻي ٽائون چيئرمين لياقت علي سومرو، قمرالدين ميتلو عبدالقدير جيسر، حبيب ڪوکر ۽ ٻيا گڏ هئا.

بقايا عوامي سوچ 21

و ڪيو ويو. ڪجهه ڏينهن اڳ ٻهارو ٿاڻي جي حد مان مزدور بلاول ڪوري جو ڪارگو نامعلوم چور چوري ڪري ويا هئا، جنهن بابت ٻهارو ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪرائي وئي هئي. ان موقعي تي متاثر بلاول ڪوري شهرين سان گڏ احتجاج ڪندي چيو ته ڪارگو چوري ڪندڙن بابت پوليس کي ڄاڻ ۽ شڪ جا تفصيل فراهم ڪيا ويا آهن، تنهن باوجود اڃا تائين چوري ٿيل ڪارگو رڪور نه ٿي سگهيو آهي. بلاول ڪوري جو چوڻ هو ته هو غريب مزدور آهي ۽ ڪارگو هلائي پنهنجي گهر جو چلهو ٻاريندو هو. ڪارگو چوري ٿيڻ سبب سندس روزگار متاثر ٿيو آهي. احتجاج ڪندڙ شهرين چيو ته ٻهارو ٿاڻي جي حد ۾ چوري ۽ ڦر جون وارداتون روز جو معمول بڻجي ويون آهن، جنهن سبب شهرين ۾ بيچيني پکڙيل آهي. هنن ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي چوري ٿيل ڪارگو رڪور ڪرائي متاثر مزدور کي واپس ڏنو وڃي. هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي ٻهارو پوليس ٻڌايو ته متاثر بلاول ڪوري جي ڪيس ۾ هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪيو ويو آهي، وڌيڪ جاچ جاري آهي، جاچ مڪمل ڪري چوري ٿيل ڪارگو رڪور ڪرائڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن

بقايا عوامي سوچ 22

تار نه ڪري سگهي عدالت اشفاق بروهي کي 5 ڏينهن جي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو فريادي جي وڪيل حفيظ ڪوسو چيو ته جوابدار جنهن سريئي سان مقتول عاقب عالماڻي جو قتل ڪيو اهو سريو پوليس هٿ ڪيو آهي جڏهن ته عدالت جوابدار اشفاق بروهي کي جيل ڪسٽڊي ڪري ڇڏيو آهي مقتول جي وارث ذوالفقار عالماڻي چيو اسان کي عدالت مان انصاف جي اميد آهي اڄ پوليس ريمانڊ پورو ٿيو عدالت جوابدار اشفاق بروهي کي جيل موڪلي ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته اسان وس وارن کان اهو مطالبو ڪيون ٿا جيڪي 2 نامعلوم جوابدار آهن انهن کي هٿ ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃ

بقايا عوامي سوچ 23

دار يوسف شيخ کي نواب شاهه جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جتي عدالت جوابدار کي ٻن ڏينهن جي پوليس ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو عدالت جي ٻاهران جوابدار يوسف شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مونکي وجاهت واري قتل جي ڄاڻ ن هئي منهنجي جوابدار شاني ۽ ٻين سان دوستي هئي ۽ مونکي دوستي ۾ ڪار ۾ کڻي ويا ۽ اڳتي هلي وجاهت کي قتل ڪيو ويو ۽ جوابدارن مون تي هٿيارن جي زور تي چيو گاڏي ڀڄائي هل گاڏي تيز رفتاري سبب ايڪسيڊنٽ ٿي پئي ۽ جوابدار گاڏي مان لهي فرار ٿي ويا ۽ مونکي پوليس گرفتار ڪيو

بقايا عوامي سوچ 24

اڳ ئي ڏکيائين کي منهن ڏيندڙ آبادگار هاڻي فصل کي جيت کان بچائڻ لاءِ پڻ پريشان نظر اچي رهيا آهن ان موقعي تي آبادگارن شهزادو چانڊيو بگن علي ،نويت علي ،احمد خان بروهي سميت ٻين جو چوڻ آهي ته هن سال زرعي پاڻي جي کوٽ سبب سارين جي فصل کي گهربل پاڻي فراهم ڪرڻ ۾ سخت مشڪلاتون پيش آيون، جنهن ڪري فصل جي واڌ ويجهه ۽ پيداوار بابت خدشا پيدا ٿيا. اهڙي صورتحال ۾ هاڻي فصل تيار ٿيڻ جي مرحلي ۾ پهچڻ کان اڳ پن ويڙهه جيت جي حملي نئين پريشاني پيدا ڪري ڇڏي آهي قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي ستن ئي تعلقن ۽ ٻرپاسي جي مختلف زرعي علائقن ۽ ڳوٺن ۾ آبادگارن موجب سارين جي فصل تي پن ويڙهه جيت جو حملو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي، جنهن سبب فصل جي پنن کي نقصان پهچڻ ۽ پيداوار متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. آبادگارن جو چوڻ آهي ته سارين جو فصل هن وقت انتهائي اهم مرحلي ۾ آهي، تنهن ڪري جيت جي حملي کي بروقت روڪڻ ضروري آهي هنن وڌيڪ چيو ته فصل پوکڻ کان وٺي هن وقت تائين پاڻي جي کوٽ، زرعي خرچن ۾ واڌ ۽ ٻين مسئلن سبب کين اڳ ئي معاشي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هاڻي جيڪڏهن پن ويڙهه جيت جي حملي تي ضابطو نه آندو ويو ته تيار ٿيندڙ فصل کي وڌيڪ نقصان پهچڻ جو خدشو آهي آبادگارن زرعي ڪاتي جي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ضلعي جي مختلف متاثر علائقن ۽ ڳوٺن جو هنگامي بنيادن تي دورو ڪري فصلن جي صورتحال جو جائزو ورتو وڃي ۽ پن ويڙهه جيت جي خاتمي لاءِ ماهرن جي نگراني ۾ اثرائتا قدم کنيا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 25

جي صدر علي رضا چنا سائين بخش زرداري امير علي بروهي رحيم لاشاري جو چوڻ آهي ته سنڌ صدين کان قائم آهي سنڌ اول ۽ آخر آهي ۽ اسين سنڌ اندر ڪنهن به صورت ۾ نئون صوبو نهڻ نه ڏينداسين ۽ اسين محسن نقوي جي بيان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا انهي سلسلي جو اڄ اسان وڪيلن جو حيدرآباد ۾ سنڌ وڪلا ڪنوينشن رکيل آهي ۽ اتي وڌيڪ راءِ عمل جوڙينداسين

بقايا عوامي سوچ 26

نه ڪرڻ جي گذارش پاڻي استعمال ڪرڻ سان مختلف بيمارين ڳڙدا فيل ٿيڻ هيپاٽائٽس، جلد ۽ پيٽ جي بيمارين جو خطرو ظاهر ڪيو ويو آهي ڪوٽڙي بئراج تي سنڌو درياهه جي پاڻي ۾ ٽي ڊي ايس جي ليول 940 ملي گرام في ليٽر تي پهچي وئي، پاڻي جي معيار تي ڳڻتي جو اظهار، منچر ڍنڍ ۽ مٽياري شگر مل مان سنڌو درياهه ۾ ڇوڙ روڪڻ ۽ سکر بئراج مان تازو پاڻي ڇڏڻ جو مطالبو جامشورو: سنڌو درياهه جي ٽي ڊي ايس جي ليول ۾ مسلسل اضافو ۽ ٽي ڊي ايس بئراج جي پاڻي جي معيار ۾ واڌ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو آهي. ڪوٽڙي بئراج ڊويزن جامشورو جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر پاران سپرنٽينڊنگ انجنيئر سرڪل حيدرآباد کي موڪليل خط ۾ صورتحال تي فوري ڌيان ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. خط موجب 30 سيپٽمبر 2026ع تي سنڌو درياهه ۾ ٽي ڊي ايس ليول 660 ملي گرام في ليٽر رڪارڊ ڪيو ويو، جڏهن ته پهرين آڪٽوبر تي ڪوٽڙي بئراج جي اپ اسٽريم ساڄي ڊويزن وال مان ورتل پاڻي جو نمونو مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جامشورو ۾ ٽيسٽ ڪيو ويو ۽ ٽي ڊي ايس ليول 940 ملي گرام في ليٽر رڪارڊ ڪيو ويو. پاڻي جو 8.05 pHرڪارڊ ڪيو ويو جڏهن ته EC 1250 S/cm رڪارڊ ڪيو ويو. خط ۾ چيو ويو آهي ته ٽي ڊي ايس جي سطح مسلسل وڌي رهي آهي ۽ 940 ملي گرام في ليٽر جي سطح مقرر ڪيل اپر حد تائين پهچي وئي آهي، جنهن سان سنڌو درياهه جي پاڻي جي معيار بابت خدشا پيدا ٿيا آهن. پاڻيءَ ۾ TDSجي اعليٰ سطح ذائقي ۽ پاڻيءَ جي معيار کي متاثر ڪري سگهي ٿي، جڏهن ته آبپاشي جي پاڻيءَ مان لوڻ جو نڪرڻ زمين جي زرخيزي ۽ فصل جي پيداوار لاءِ خطرو پڻ بڻجي ٿو آلوده ۽ وڌيڪ لوڻ واري پاڻي جي استعمال سان آبي زندگي به متاثر ٿي سگهي ٿي، جڏهن ته پيئڻ جي پاڻي جو معيار به خراب ٿي سگهي ٿو خط ۾ وڌيڪ نشاندهي ڪئي وئي آهي ته گذريل ڪجهه ڏينهن کان منچر ڍنڍ ۾ پاڻي جي سطح گهٽجي رهي آهي ۽ ڍنڍ مان آلوده پاڻي سنڌو درياهه ۾ ڇڏڻ سبب صورتحال خراب ٿي رهي آهي. ڪوٽڙي بئراج ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ارل واهه (منچر ڍنڍ ريگيوليٽر) ۽ مٽياري شگر مل مان سنڌو درياهه ۾ نيڪال کي فوري طور تي روڪيو وڃي، جڏهن ته سکر بئراج مان تازو پاڻي سنڌو درياءَ ۾ ڇڏڻ جو عمل انساني بنيادن تي وڌايو وڃي، جيئن پاڻي جي معيار ۾ وڌيڪ خرابي کي روڪي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 27

ايڊز جي ڪنٽرول پروگرام جي نگراني هيٺ ايڇ آءِ وي ۽ ايڊز جي علاج لاءِ نئين مرڪز جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو جتي مريضن کي بيماري جي سڃاڻپ، علاج، غذائي سهائتا ۽ سماجي مدد سميت مختلف طبي سهولتون فراهم ڪيون وينديون افتتاحي تقريب جي اڳواڻي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر ابرار حسين ٽنيو ڪئي، جڏهن ته ايڊيشنل ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽس ڊاڪٽر سعيد احمد بروهي ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ ٽنيو ميڊيڪل آفيسرن، عورت ڊاڪٽرن ۽ آر بي سي رٽ مرڪز جي انچارج ڊاڪٽر محمد يوسف شيخ سميت ٻين صحت ڪاتي جي عملدارن شرڪت ڪئي، تقريب دوران بريفنگ ڏيندي ايڇ آءِ وي ۽ ايڊز سنڌ جي ڪنٽرول پروگرام جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غلام علي بوزدار ٻڌايو ته نئين قائم ڪيل مرڪز ۾ مريضن کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ تربيت يافته عملي جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن. هن چيو ته مرڪز کي سنڌ جو هڪ معياري ۽ مثالي علاج مرڪز بڻائڻ لاءِ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪيو ويندو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر ابرار حسين ٽنيو اسپتال جا ٽي ڪمرا علاج مرڪز لاءِ مخصوص ڪري ان جي قيام ۽ بهتر انتظام ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن کي صحت ڪاتي جي ٽيم پاران ساراهيو ويو مرڪز جي انتظام، علاج ۽ سهولتن جي بهتر نگراني لاءِ ڊاڪٽر مسعود احمد سومرو کي پڻ ذميواريون سونپيون ويون آهن. هنن چيو ته هي مرڪز سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن نواب سردار خان چانڊيو ۽ نوابزاده برهان خان چانڊيو جي خواهش، صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو، صحت ڪاتي جي سيڪريٽري طاهر حسين سانگي ۽ ايڇ آءِ وي ۽ ايڊز سنڌ جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ڪنول مصطفيٰ جي خصوصي هدايتن تحت قائم ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي ڊاڪٽر ابرار حسين ٽنيو ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ ٽنيو چيو ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال قمبر ضلعي جي ماڻهن سان گڏ ٻرپاسي وارن علائقن ۽ بلوچستان مان علاج لاءِ ايندڙ مريضن کي پڻ طبي سهولتون فراهم ڪري رهي آهي. هنن چيو ته ايڇ آءِ وي ۽ ايڊز جي علاج لاءِ مرڪز جو قيام عوام لاءِ هڪ اهم ۽ فائديمند سهولت ثابت ٿيندو جنهن سان مريضن کي پنهنجي علائقي ۾ ئي علاج جون سهولتون ميسر ٿينديون. هنن وڌيڪ چيو ته ايڇ آءِ وي ۽ ايڊز جي روڪٿام، بيماري جي بروقت سڃاڻپ، علاج ۽ ماءَ کان ٻار ڏانهن بيماري جي منتقلي کي روڪڻ لاءِ گڏيل ڪوششن جي ضرورت آهي. تقريب جي پڇاڙي تي مرڪز جي ڪاميابي، مريضن جي ڀلائي ۽ عوام کي وڌ کان وڌ طبي سهولتون فراهم ٿيڻ لاءِ خصوصي دعا گهري وئي.

بقايا عوامي سوچ 28

ت ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي سنڌ منهنجي ماءِ آهي ۽ ماءِ جي ورهاست غيرتمند پٽ ٿيڻ نه ڏيندا ايم ڪيو ايم سنڌ کي تقسيم ڪرڻ جا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏي اسان ڌرتي ماءِ جا وارث آهيون جنهن به سنڌ ڌرتي ماءِ سان غداري ڪئي تاريخ ڪڏهن به انهن غدارن کي معاف نه ڪندي پ پ 2 پيرا اقتدار ۾ رهندي 19 سالن ۾ بي نظير جي قاتلن کي عوام آڏو نه آڻي سگهي آهي خبر موجب سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراه ڊاڪٽر قادر مگسي جو 15 نومبر تي ڪراچي ۾ سنڌ جي ورهاست نامنظور واري جلسي کي ڪامياب بنائڻ لا عوام رابطه مهم دوران ٽنڊو حيدر شيخ پرڪيو جهڻ موري ۾ ايس ٽي پي ڪارڪن پاران سندس شاندار استقبال ڪيو ويو ڪارڪن پاران ڪيس گلن جي ورکا ڪئي وئي جڏهن ته سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا ايس ٽي پي سربراه جي چيئرمين پ پ ايم پي اي مرحوم بشير سريوال جي لاڏاڻي ڳوٺ ماڻڪ لغاري پهچي سوڳوار خاندان سان تعزيت پڻ ڪئي ۽ همدردي جو اظهار ڪيو سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻ ڊاڪٽر قادر مگسي شيخ پرڪيو ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته "سنڌ منهنجي امان" جو سلوگن لاءِ ڏنو آهي، ته سنڌ هڪ آهي ۽ سدائين هڪ رهندي. سنڌ کي ڪير به ٽوڙي نٿو سگهي ايس ٽي پي سربراه ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته 15 نومبر تي ڪراچي ۾ سنڌ جا سمورا ماڻهو گڏ ٿي، ڌرتي ماءِ جي مالڪي ڪندا هن چيو ته سنڌ ۾ رهندڙ پنجابي، مهاجر، پٺاڻ، سرائڪي ۽ بلوچ به سنڌ جو حصو آهن ۽ سنڌ سيني جي ماءِ آهي. هن چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ سڃاڻپ تي ڪنهن به قسم جي ورهاست قبول نه ڪئي ويندي، سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتي ۽ وحدت جي تحفظ لاءِ گڏ بيٺل آهن. ڊاڪٽر قادر مگسي وڌيڪ چيو ته آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري جي حڪومتن دوران 19 سال گذري وڃڻ باوجود شهيد بينظير ڀٽو جي قتل ڪيس ۾ قاتلن کي اڃا تائين مڪمل طور تي عوام آڏو ظاهر نه ڪيو ويو آهي. هن حڪومتن تي تنقيد ڪندي چيو ته حڪمرانن جي ترجيحن بابت عوام ۾ سوال موجود آهن ۽ سندس چوڻ موجب سياست ۾ عوامي مفادن بدران پئسي کي وڌيڪ اهميت ڏني پئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 29

پوٽو . ريحان ڪاڪيپوٽو ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته اسان جا پائر اسحاق . شڪور. ڪبير. يامين ۽ انيش مينگهواڙ اسان کي ٻناجواز تنگ ڪري رهيا آهن جيڪي اسان جي گهٽي تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا مذڪوره ماڻهن اسان جو گهس به بند ڪري ڇڏيو آهي اسان جا پائر ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيا آهن اسان پنهنجي گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن متي ڄاڻايل ماڻهون هر وقت اسان جي گهرن وٽ گهمي رهيا آهن جن مان اسان کي خطرو آهي هنن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته بااثر پائرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 30

ي پيو، جنهن جي نتيجي ۾ ٽن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ ۽ ٽن ڄڻن جي فوت ٿيڻ جا اطلاع آهن. حادثي ۾ زخمي ٿيلن مان نوجوان زبير ٽنيو اشفاق مغيري ۽ عارف مغيري زندگي جي جنگ هارائي ويا جڏهن ته ٽن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ جو ٻڌايو پيو وڃي جن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو حادثي جي اطلاع تي علائقي ۾ ڏک جي لهر پکڙجي وئي فوتين جا لاش گهرن ۾ آندا ويا ته فوتين جي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو. علائقي واسين موجب لعلو رائنڪ ۽ ٻرپاسي وارن روڊن تي تيز رفتاري سبب اهڙا حادثا اڳ به پيش ايندا رهيا آهن. حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوانن جي وارثن سان علائقي واسين تعزيت ڪندي دعا ڪئي ته الله پاڪ مرحومن کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ وارثن کي صبر جميل عطا ڪري، جڏهن ته زخمين کي جلد صحتيابي نصيب فرمائي. آمين.

بقايا عوامي سوچ 31

ص ميٽريل جو استعمال معصوم ٻارڙن جو مستقبل داءَ تي لڳل تفصيل موجب ڳوٺ تماچي جهيجو ۾ ٺهندڙ اسڪول بلڊنگ ۾ ٺيڪيدار وڌيڪ مال ڪمائڻ جي لالچ ۾ ناقص ميٽريل استعمال ڪري رهيو آهي ٻه نمبر ۽ پيليون سرون گهٽ سيمينٽ استعمال ڪيو پيو وڃي رهواسين جو چوڻ آهي ته بلڊنگ تيار ٿيڻ ڪانپوءِ شايد پنج سال به هلي نه سگهي جيڪڏهن مستقبل ۾ ڪو نقصان ٿيو ته ان جو ذميوار ڪير هوندو جڏهن ته نگراني ڪندڙ آفيسر پڻ ٺيڪيدار سان ڀاڱي ڀائيوار بڻيل آهن ڳوٺاڻن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته اسڪول بلڊنگ ۾ ناقص ميٽريل جي استعمال جو نوٽيس وٺي معصومن جي مستقبل کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 32

مد شاهه سيد جميل اڪبر شاهه سيد امير حيدر شاهه يوسي چيئرمين مير غلام حيدر ٽالپر مير اشفاق ٽالپر مير زمرد ٽالپر ۽ ٻين شرڪت ڪئي خبر موجب ٽنڊو فضل ويجهو يونين ڪميٽي سنڌ جي نالي واري ملهه پهلوان ابن ڪوري جو مامون سنڌ ۾ گهوڙن جي شوق ۾ مشهوري ماڻيندڙ مامون الهورايو ڪوري 70 ورهين جي ڄمار ۾ دل جو دورو پوڻ ڪري هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي درگاهه سيد احمد شاهه بخاري ۾ ادا ڪئي وئي جڏهن ته اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءِ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ سيد غلام محمد شاهه سيد جميل اڪبر شاهه ايڊو ڪيٽ سيد امير حيدر شاهه يوسي 75 چڪي جي چيئرمين مير غلام حيدر ٽالپر مير اشفاق حسين ٽالپر ٽي ايم سي ٽنڊو فضل جي ميمبر مير زمرد علي خان ٽالپر زوار مير غلام حيدر ٽالپر مير منير حسين المعروف مير ٻالي خان ٽالپر درگاهه سيد احمد شاهه بخاري جي گادي نشين سيد غلام مرتضي شاهه مير مشتاق ٽالپر مير خان ٽالپر درگاهه درياهي بادشاهه جي گادي نشين م فقير يار محمد ٽالپر مير بختيار ٽالپر مير نظام ٽالپر مير امتياز علي خان ٽالپر مير عبدالغني ٽالپر مير مومن ٽالپر مير ماجد ٽالپر مير يار محمد خان ٽالپر ماسٽر آغا منار علي ڊاڪٽر آغا امتياز علي علي نواز عمراڻي غلام شبير لاڪو محمد جمن لاڪو جاويد لاڪو سميت سياسي سماجي ڪارڪنن معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 33

نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي. عدالت اين آءِ سي وي ڊي جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر طاهر صغير کي نوٽيس جاري ڪندي ڪيس 20 آڪٽوبر تي جواب داخل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. ملازمن پاران الزام لڳايو ويو آهي ته سروس رولز ۽ لاڳو ضابطن کي نظرانداز ڪندي ڪجهه ملازمن کي سنڌ انسٽيال ۽ ملازمن جي سروس معاملن بابت مختلف سوال سامهون آيا آهن. ملازمن جو چوڻ آهي ته ضابطن جي پاسداري ۽ انتظامي فيصلن ۾ شفافيت کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. ذريعن موجب، معاملي سبب اين آءِ سي وي ڊي کي قانوني چارجوئي کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جڏهن ته ملازمن طرفان خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي ته اهڙن معاملن ۾ سرڪاري خزاني مان وڪيلن جي فيسن ۽ ٻين قانوني خرچن جي مد ۾ وڏي رقم خرچ ٿي سگهي ٿي. ملازمن مطالبو ڪيو آهي ته جيڪڏهن ضابطن جي ڀڃڪڙي يا انتظامي غفلت ثابت ٿئي ته ذميوارين جو تعين ڪيو وڃي ۽ اداري جي انتظامي معاملن ۾ قانون ۽ مقرر ڪيل سروس رولز تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. عدالت پاران جاري ڪيل نوٽيس ڪانپوءِ اين آءِ سي وي ڊي انتظاميا جو جواب سامهون اچڻ بعد معاملي جي قانوني ۽ انتظامي رخ بابت وڌيڪ صورتحال واضح ٿيڻ جو امڪان آهي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

سنڌي ادبي سنگت شاخ چوهڙ جمالي جي دستوري گڏجاڻي

گڏجاڻي نئين ٿهيءَ جي شاعر ۽ مضمون نگار شهزاد ميمڻ جي صدارت ۾ چوهڙ جمالي پريس ڪلب تي ٿي گذري

مهاجر ۽ انصار” بچل جت، بيت، محمد صديق ميمڻ، يادگيري، ”مرشد جي ڪرامت“ ۽ شڪيل پارس غزل، تنقيد لاءِ پيش ڪيو

جن تي تنقيدي ۽ اصلاحي رايا پڻ ڏنا ويا، گڏجاڻي ۾ 11 آڪٽوبر تي ٿيندڙ عورت تخليقڪارن سان رهاڻ واري پروگرام جي ڪيل انتظامن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه

چوهڙ جمالي (رپورٽ شاهدحسيني)سنڌي ادبي سنگت شاخ چوهڙ جمالي جي دستوري گڏجاڻي نئين ٿهيءَ جي شاعر ۽ مضمون نگار شهزاد ميمڻ جي صدارت ۾ چوهڙ جمالي پريس ڪلب تي ٿي گذري، گڏجاڻي جي ڪاروائي جوائنٽ سيڪريٽ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

CHUHAR JAMALI PRESS CLUB
چوهڙ جمالي پريس ڪلب ضلعو سجاول

ٺٽي ۾ مالوند ماڻهن جي جانورن کي بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويڪسين لڳائڻ جو سلسلو تيزي سان جاري

مختلف علائقن ۾ لائيو اسٽاڪ ڪاتي جون ٽيمون سرگرم، ڀاڳين پاران اطمينان جو اظهار

مالوند ماڻهن جي چوپائي مال جانورن کي مختلف وبائي ۽ متعدي بيمارين کان بچائڻ لاءِ ويڪسين لڳائڻ واري مهم ڊاڪٽر فياض وگڻ جي نگراني ۾ تيزي سان جاري

جهرڪ سميت ٻين مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ پهچي وڏي انگ ۾ جانورن کي بيمارين کان بچاءَ جون ويڪسينون لڳايون

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ مالوند ماڻهن جي جانورن کي بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويڪسين لڳائڻ جو سلسلو تيزي سان جاري، مختلف علائقن ۾ لائيو اسٽاڪ ڪاتي جون ٽيمون سرگرم، ڀاڳين پاران اطمينان جو اظهار، تفصيل موجب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

جهمپير ڪوهستان جو بيمار غلام قادر پالاري 15 سالن کان علاج لاءِ پريشان، مالي مدد جي اپيل

جهمپير جي سِول سوسائٽيءَ جي سرندي وارن کي اپيل

جهمپير ۽ ڪوهستان واري علائقي ۾ غلام قادر عرف ٻڊو پالاري کي هر ڪو سڃاڻي ٿو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)جهمپير ڪوهستان جو بيمار غلام قادر پالاري 15 سالن کان علاج لاءِ پريشان، مالي مدد جي اپيل، جهمپير جي سِول سوسا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ظفر احمد راجپوت ڪلهه ٿرجي ٻن ڏينهن جي دوري تي مٺي پهتو

جتي ڊسٽرڪٽ جوڊيشل ڪامپليڪس مٺي ۾ بار جي نئين عمارت جو افتتاح ڪيو

جنهن بعد ٿرپارڪر بار ايسوسيئيشن پاران رکيل حلف برداري تقريب ۾ شرڪت ڪري نئين باڊيءَ کان حلف ورتو

مون کي ججز پائرن کان تمام وڏو مان حاصل ٿيو آهي سنڌي ثقافت جي علامت روايتي پٽڪي ڦيٽي پارائڻ تي دل جي گهراين سان شڪرگذار آهيان : چيف جسٽس

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ظفر احمد راجپوت ڪلهه ٿرجي ٻن ڏينهن جي دوري تي مٺي پهتو، جتي ڊسٽرڪٽ جوڊيشل ڪامپليڪس مٺي ۾ بار جي نئين عمارت جو افتتاح ڪيو، جنهن بعد ٿرپارڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

جي يو آءِ ضلعي ٺٽي جو تعلقي ميرپور ساڪرو ۾ ٽن ڏينهن وارو تنظيمي يونٽ وائز دورو شروع

تنظيمي معاملن کي وڌيڪ فعال ۽ منظم بڻائڻ لاءِ اڄ کان تعلقي ميرپور ساڪرو جو ٽن ڏينهن وارو يونٽ وائز تفصيلي تنظيمي دورو شروع

يونٽ حاجي هارون بلوچ، يونٽ مولوي ابوبڪر:يونٽ ٻاروسري ۽ يونٽ احمد خان ڪلمتي بلوچ جو دورو ڪيو

دوري دوران لاڳاپيل يونٽن جي جنرل ڪائونسل جي اجلاسن کي خطاب ڪندي تنظيمي صورتحال ڪارڪردگي ۽ ايندڙ لائحه عمل بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)جي يو آءِ ضلعي ٺٽي جو تعلقي ميرپور ساڪرو ۾ ٽن ڏينهن وارو تنظيمي يونٽ وائز دورو شروع پهرين آڪٽوبر 2026ع بروز خميس جمعيت علماءِ اسلام ضلعي ٺٽي ۽ تعلقي ميرپور ساڪرو جي تنظيمي معاملن کي وڌيڪ ف/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

تعليم ڪاتي جهڙي مقدس ۽ باوقار اداري جو وقار اڄڪلهه مفاد پرست عنصرن هٿان بري طرح مجروح

ميرپور خاص (بيورو رپورٽ) تعليم ڪاتي جهڙي مقدس ۽ باوقار اداري جو وقار اڄڪلهه مفاد پرست عنصرن هٿان بري طرح مجروح ٿي رهيو آهي. ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن جي آفيس ۾ سامهون ايندڙ موجوده صورتحال تي فوري توجهه جي سخت ضرورت آهي. ڪاتي جو هڪ رٽائرڊ ملازم حافظ عبدالحفيظ، جنهن جو هاٿي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ٺٽي جي ساموندي پٽيءَ وارا علائقا هن وقت سماجي برائين، منشيات فروشي ۽ غير قانوني اسمگلنگ جو مڪ ڳڙهه بڻجي ويا

پوليس انتظاميا جي پٺڀرائي ۽ مبينا ملي ڀڳت سبب بليڪ مارڪيٽنگ ۽ منشيات جو ڪاروبار عروج تي پهچي ويو

سڄي ضلعي ٺٽي ۾ سماجي برائين جي حوالي سان ساموندي پٽيءَ جا شهر هن وقت ٽاپ لسٽ تي آهن

ڳاڙهو ۽ ٻگهاڙ ٽائون جي حدن ۾ ايندڙ مختلف ساموندي ٽڙن ٽان روزاني جي بنياد تي ڪيترائي هوڙا منشيات ۽ ٻئي غير قانوني سامان سان ڀرجي اچن ٿا

ڳاڙهو(رپورٽ جاويد علي خاصخيلي)ضلعي ٺٽي جي ساموندي پٽيءَ وارا علائقا هن وقت سماجي برائين، منشيات فروشي ۽ غير قانوني اسمگلنگ جو مڪ ڳڙهه بڻجي ويا آهن. جڏهن ته پوليس انتظاميا جي پٺڀرائي ۽ مبينا ملي ڀڳت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

عوامي راج تحريڪ جي ضلعي ڪوآرڊينيٽر انيس هالو پاران ضلعي ٺٽي ۾ نوجوانن کي روزگار فراهم نه ڪرڻ خلاف احتجاج

ضلعي ٺٽي جا نوجوان بيروزگاري سبب سخت پريشان آهن، روزگار جا مناسب موقعا فراهم نه ٿيڻ ڪري نوجوانن ۾ مايوسي وڌي رهي آهي

مقامي نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪري بيروزگاري جو خاتمو آندو وڃي

مڪلي مارڪيٽ جي قديمي مسجد جي تعمير پڻ جلد شروع ڪرائي وڃي، جيئن علائقي جي رهواسين ۽ نمازين کي درپيش مسئلو حل ٿي سگهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو)عوامي راج تحريڪ جي ضلعي ڪوآرڊينيٽر انيس هالو پاران ضلعي ٺٽي ۾ نوجوانن کي روزگار فراهم نه ڪرڻ ۽ مڪلي مارڪيٽ جي قديمي مسجد جي تعمير ڪرائڻ واري مطالبن جي ميڄتا لاءِ احتجاجي ڪيمپ جاري/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

آر سي سي ڇت ۾ سريو مبينا طور تي مقرر فني معيار موجب نه وڇايو پيو وڃي: ذريعا

مقامي ماڻهن ۽ اسڪول سان لاڳاپيل ذريعن موجب آر سي سي ڇت ۾ سريو مبينا طور تي مقرر فني معيار موجب نه وڇايو پيو وڃي

سريي جي شٽنگ ۾ لڳ ڀڳ ڇهه آني لوهه استعمال ڪري ان کي تقريبن 9 انچ جي فاصلي تي رکيو پيو وڃي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو)سونڊا لڳ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سونهري ۾ جاري تعميراتي ڪم دوران آر سي سي ڇت لاءِ سريي جي وڇائي ۽ تعميراتي سامان جي استعمال بابت مبينا بي ضابطگين جا الزام سامهون آيا آهن. مقامي ماڻهن ۽ اسڪول سان لاڳاپيل ذريعن موجب آر سي سي ڇت ۾ سريو مبينا طور تي مقرر فني معيار موجب نه وڇايو پيو وڃي. جڏهن ته سريي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9



صوبائي وزير محمد علي خان ملڪاڻي دڙو پهتو

پ پ اڳواڻ ارباب رميزالدين ميمڻ سان سندس ماسي جي وفات تي تعزيت ڪئي

ملڪ شعيب پنهور، جنيد ميمڻ، لطيف اڪبر شاهه، اسد ميمڻ، سرمد ميمڻ ۽ ٻيا معزز پڻ موجود هئا

دڙو (رپورٽر)صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز سنڌ رئيس محمد علي خان ملڪاڻي دڙو پهچي پ پ اڳواڻ ارباب رميزالدين ميمڻ سان سندس ماسي جي وفات تي تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا ڪئي. ان موقعي تي ايم پ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

پيپلزپارٽي جي قيادت سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي: عادل حسين انڙ

ڏوڪري ۾ مختلف برادري جي ماڻهن سان سندن پيارن جي وڇوڙي تي تعزيت

اسڪولن کي اپ گريڊ ڪرائڻ پيور بلاڪ عوام کي صاف ۽ مٺو پاڻي لاءِ آر او پلانٽ سميت ترقياتي ڪم ڪرائي رهيا آهيون

ڏوڪري(رپورٽر) پيپلزپارٽي ايم پي اي عادل الطاف حسين انڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلزپارٽي جي قيادت سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

سومرو اتحاد جي اڳواڻ مير مختيار سومرو جي والد جو ٽيجهو، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ مائٽن جي شرڪت

قومي اڳواڻن، دوستن، مٽن مائٽن ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت

ٽيجهي جي موقعي تي سومرو اتحاد تنظيم جي چيئرمين پڻ خصوصي شرڪت ڪئي

مٺياڻي (رپورٽ ميول خان مستوئي)سومرو اتحاد جي اڳواڻ مير مختيار سومرو جي والد جي وفات تي ٽيجهو ادا ڪيو ويو، جنهن ۾ سياسي، سماج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

بدين ۾ آڳاري جي ڏينهن 6 آڪٽوبر 2026ع تي عورتن لاءِ مفت طبي ڪيمپ جو اهتمام

جناح اسپتال ڪراچي جي ماهر گائناڪالوجسٽ ڊاڪٽرن جي ٽيم عورتن جو مفت طبي معائنو ۽ مشورو فراهم ڪيو

رحم جي بيمارين ۽ ڪينسر جي چڪاس بابت ماهر ڊاڪٽرن کان مفت طبي صلاح ۽ معائنو فراهم ڪيو ويو

بدين،(رجب راهمون) 6 آڪٽوبر 2026ع: هيلٿ آفيس بدين جي سهڪار سان، سوسائٽي فار ڪيئر آف ٿليسيميا پيشنٽس بدين (منو پائي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

سينئر فوٽو گرافر پرت لال شرما جي اعزاز ۾ 60 سال سروس مڪمل ڪرڻ کان پوءِ رٽائر ٿيڻ تي هڪ تقريب منعقد

رٽائر ٿيڻ تي اطلاعات ڪاتي ميرپورخاص ۾ هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي

ميرپورخاص(بيوروچيف سومارسميجو) ٿرپارڪر جي سينئر فوٽوگرافر پرت لال شرما جي اعزاز ۾ 60 سال سروس مڪمل ڪرڻ کان پوءِ رٽائر ٿيڻ تي ه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

دادو ۾ ڇتن ڪتن جو آزار، وڌيڪ هڪ شهري زخمي، ميونسپل چيئرمين جي نوٽيس بعد ڪتا مار مهم شروع

بي سيڪشن ٿاڻي جي حد لنڊ محلي ۾ ڇتن ڪتن جي حملي سبب نوجوان فراز ولد ممتاز برهماڻي شديد زخمي ٿي پيو

ڪتن کان بچڻ لاءِ ڀڄندي سنڌس ٽنگ ڀڄي پئي، جنهن کي علاج لاءِ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر ۾ ڇتن ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي، جنهن سبب شهرين ۾ خوف ۽ پريشاني پکڙجي وئي آهي. بي سيڪش/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ٽنڊو محمد خان بلڙي شاهه ڪريم ۾ 8 ڪان وڌيڪ روڊ اسڪيمون رولڙي جو شڪار

بلڙي شاهه ڪريم ۾ مختلف روڊن جون اٺن کان وڌيڪ ترقياتي اسڪيمون مبينا طور رولڙي جو شڪار ٿي ويون

تعميراتي ڪم نامڪمل هجڻ ۽ ناقص ميٽيريل جي استعمال سبب روڊن جي حالت خراب ٿيڻ جون شڪايتون سامهون آيون

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ حبيب شيخ)ٽنڊو محمد خان بلڙي شاهه ڪريم ۾ 8 ڪان وڌيڪ روڊ اسڪيمون رولڙي جو شڪار، ناقص تعميراتي ڪم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جسٽس ظفر احمد راجپوت جو ضلعو عمرڪوٽ جو دورو

ڪنري، ساماري ۽ پٿوري ۾ نئين تعمير ٿيل سول ڪورٽن جي عمارتن جو افتتاح

نئين تعمير ٿيل عمارتن جي مختلف حصن، عدالتي سهولتن ۽ آفيسن جي انتظامن جو جائزو ورتو

عمرڪوٽ (بيوروچيف سومارسميجو) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جسٽس ظفر احمد راجپوت ضلعو ميرپورخاص عمرڪوٽ جو دورو ڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

WITH THE GRACE OF ALMIGHTY ALLAH
THE HONOURABLE CHIEF JUSTICE
HIGH COURT OF SINDH
MR. JUSTICE ZAFAR AHMED RAJPUT
Inaugurated the
CIVIL COURT BUILDING PITHORO
ON 3RD OCTOBER 2026

پاڪستان چيمپيئن ليگ جو چوٿون ايڊيشن ويل چيئر ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ فيصل آباد ۾ منعقد ٿيندو

چوٿون ايڊيشن (پي سي ايل_4) ويل چيئر ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ فيصل آباد ۾ منعقد ٿيڻ وارو آهي

رانديگرن لاءِ پنهنجي صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ ۽ قومي سطح تي راند کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جو هڪ اهم موقعو ثابت ٿيندو



اوباوارو (رپورٽ عبدالحميد عباسي) پاڪستان چيمپيئن ليگ جو چوٿون ايڊيشن ويل چيئر ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ فيصل آباد ۾ منعقد ٿيندو پاڪستان ويل چيئر ڪرڪيٽ ڪائونسل پاران منعقد ڪيل پاڪستان چيمپيئن ليگ جو چوٿون ايڊيشن (پي سي ايل_4) ويل چيئر ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ فيصل آباد ۾ منعقد ٿيڻ وارو آهي، جنهن ۾ سڄي ملڪ مان ڇهه ٽيمون حصو وٺنديون. پاڪستان چيمپيئن ليگ جي هن اهم تقريب ۾ ساجد علي عباسي کي ڪراچي آرچرز جي اڳواڻي جي ذميواري سونپي وئي آهي. ٻه ڀيرا ايشين چيمپيئن رهندڙ ساجد علي عباسي ڪراچي آرچرز ٽيم جي ڪپتاني ڪندو. ان موقعي تي ڪراچي آرچرز جي ڪپتان ساجد علي عباسي پنهنجي بيان ۾ چيو ته هو پاڪستان ويل چيئر ڪرڪيٽ ڪائونسل جو انتهائي شڪرگذار آهي جنهن کيس پاڪستان چيمپ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ڳوٺ اسماعيل جاکرو جي رهواسي الهڏنو جاکرو جي سروي زمين تي هڪ ڀيرو ٻيهر مبينا قبضي جي ڪوشش

متاثر ڌر جي وارث حافظ ڏٽي ڏنو جاکرو عوامي پريس ڪلب دڙو پهچي پريس ڪانفرنس

سندس سئوٽ الهڏنو جاکرو انتهائي غريب مسڪين ۽ شريف ماڻهو آهي

دڙو(رپورٽر)دڙي ويجهو باڊ موري پرسان ڳوٺ اسماعيل جاکرو جي رهواسي الهڏنو جاکرو جي سروي زمين تي هڪ ڀيرو ٻيهر مبينا قبضي جي ڪوش/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

نيو ڪراچي ٽائون جي چيئرمين محمد يوسف مٺي ۾ ايم ڊي ڪيٽ ۾ جي پوزيشن هولڊر ٿرجي شاگردن جي اعزاز ۾ تقريب منعقد

پوزيشن هولڊر ٿرجي شاگردن جي اعزاز ۾ منعقد ڪيل ۾ خصوصي شرڪت ڪري شاگردن ۾ تحفا ۽ انعام ورهايا

شاگردن کي تعريفي سرٽيفڪيٽس، روايتي سنڌي اجرڪ ۽ ٿري شال جا تحفا پيش ڪيا ويا

مٺي (ڊ_ر محمدرحيم مگريو) جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ۽ نيو ڪراچي ٽائون جي چيئرمين محمد يوسف مٺي ۾ ايم ڊي ڪيٽ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

چوري ٿيل ڪارگو رڪور نه ٿيڻ خلاف شهرين جو احتجاج، ٽائرن کي باهه

ٻهارو ٿاڻي جي حد ڳوٺ ٽاڳڙو ۾ چوري ٿيل ڪارگو رڪور نه ٿيڻ خلاف متاثر مزدور بلاول ڪوري ۽ شهرين پاران ٽائرن کي باهه ڏئي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪجهه ڏينهن اڳ ٻهارو ٿاڻي جي حد مان مزدور بلاول ڪوري جو ڪارگو نامعلوم چور چوري ڪري ويا هئا

جنهن بابت ٻهارو ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪرائي وئي هئي. ان موقعي تي متاثر بلاول ڪوري شهرين سان گڏ احتجاج

گمبٽ (رپورٽر)چوري ٿيل ڪارگو رڪور نه ٿيڻ خلاف شهرين جو احتجاج، ٽائرن کي باهه ٻهارو ٿاڻي جي حد ڳوٺ ٽاڳڙو ۾ چوري ٿيل ڪارگو رڪور نه ٿيڻ خلاف متاثر مزدور بلاول ڪوري ۽ شهرين پاران ٽائرن کي باهه ڏئي احتجاجي مظاهر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

گمبٽ: چوري ٿيل ڪارگو رڪور نه ٿيڻ خلاف شهرين جو احتجاج، ٽائرن کي باهه ڏني وئي آهي

شاگرد عاقب عالماڻي جي قتل ڪيس جو مک جوابدار اشفاق بروهي نوابشاهه جي عدالت ۾ پيش

ته ڪيس ۾ نامزد ٻه نامعلوم جوابدار پوليس گرفتار نه ڪري سگهي عدالت اشفاق بروهي کي 5 ڏينهن جي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو

جوابدار جنهن سريئي سان مقتول عاقب عالماڻي جو قتل ڪيو اهو سريو پوليس هٿ ڪيو آهي

اسان کي عدالت مان انصاف جي اميد آهي اڄ پوليس ريمانڊ پورو ٿيو عدالت جوابدار اشفاق بروهي کي جيل موڪلي ڇڏيو آهي

نوابشاهه(رپورٽر)نوابشاهه 13 ڏينهن اڳ قائد عوام يونيورسٽي جي پهرين سال جي شاگرد عاقب عالماڻي جي قتل ڪيس جو مک جوابدار اشفاق بروهي نوابشاهه جي عدالت ۾ پيش جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد ٻه نامعلوم جوابدار پوليس گرف/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ 6 ڏينهن اڳ بيدردي سان قتل ٿيل گجرات واسي وجاهت نواز قتل ڪيس ۾ گرفتار

جوابدار يوسف شيخ کي نواب شاهه جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

جتي عدالت جوابدار کي ٻن ڏينهن جي پوليس ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

نوابشاهه(رپورٽر)نوابشاهه: بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ 6 ڏينهن اڳ بيدردي سان قتل ٿيل گجرات واسي وجاهت نواز قتل ڪيس ۾ گرفتار جواب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

قمبر: پن ويڙهه جيت جي حملي آبادگارن جون پريشانيون وڌائي ڇڏيون

زرعي پاڻي جي کوٽ سبب سارين جي فصل کي گهربل پاڻي فراهم ڪرڻ ۾ سخت مشڪلاتون پيش

فصل تيار ٿيڻ جي مرحلي ۾ پهچڻ کان اڳ پن ويڙهه جيت جي حملي نئين پريشاني پيدا ڪري ڇڏي آهي

مختلف متاثر علائقن ۽ ڳوٺن جو هنگامي بنيادن تي دورو ڪري فصلن جي صورتحال جو جائزو ورتو وڃي: مطالبو

قمبر(رپورٽر) قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي مختلف علائقن ۽ ڳوٺن ۾ سارين جو فصل تيار ٿيڻ جي ويجهو پهچڻ باوجود پن ويڙهه جيت جي حملي آبادگارن جون پريشانيون وڌائي ڇڏيون آهن. جڏهن ته زرعي پاڻي جي مسلسل کوٽ سبب /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي سنڌ جي وحدت تي وار خلاف عدالتي ڪارروائين جو مڪمل بائيڪاٽ

سنڌ صدين کان قائم آهي سنڌ اول ۽ آخر آهي ۽ اسين سنڌ اندر ڪنهن به صورت ۾ نئون صوبو ٺهڻ نه ڏينداسين : رحيم لاشاري

اسين محسن نقوي جي بيان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا

انهي سلسلي جو اڄ اسان وڪيلن جو حيدرآباد ۾ سنڌ وڪلا ڪنوينشن رکيل آهي ۽ اتي وڌيڪ راءِ عمل جوڙينداسين

نوابشاهه (رپورٽر)سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي سنڌ جي وحدت تي وار خلاف اڄ ضلعي شهيد بينظيرآباد جي سيني ماتحت عدالتن دوڙ سڪرنڊ دولتپور قاضي احمد ۾ عدالتي ڪارروائين جو مڪمل بائڪاٽ ڪيو پيو وڃي بار /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڪوٽڙي: انتظاميا جي بي ڌياني سبب روڊ تي گندو پاڻي بيٺل آهي

سنڌو درياهه جي پاڻي ۾ ٽي ڊي ايس وڌي ويو، مُختلف بيمارين جو خطرو

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌو درياهه جي پاڻي ۾ ٽي ڊي ايس وڌي ويو شهرين کي پاڻي پيئڻ لاءِ استعمال /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

قمبر ۾ ايڇ آءِ وي ۽ ايڊز جي علاج لاءِ نئين مرڪز جو باقاعده افتتاح

قمبر (رپورٽر) ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال قمبر ۾ سنڌ حڪومت جي صحت ڪاتي ۽ ايڇ آءِ وي ۽/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي، 15 نومبر تي لکين سنڌي ڪراچي ۾ گڏ ٿين: قادر مگسي

ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جي ورهاست قبول ناهي 15 نومبر لکين سنڌي گڏ ٿي ڌرتي ماءُ جي مالڪي ڪندا

سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي سنڌ منهنجي ماءُ آهي ۽ ماءُ جي ورهاست غيرتمند پٽ ٿيڻ نه ڏيندا

ايم ڪيو ايم سنڌ کي تقسيم ڪرڻ جا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏي اسان ڌرتي ماءُ جا وارث آهيون

شيخ پرڪيو(رپورٽر)سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي، 15 نومبر تي لکين سنڌي ڪراچي ۾ گڏ ٿين: قادر مگسي ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جي ورهاست قبول ناهي 15 نومبر لکين سنڌي گڏ ٿي ڌرتي ماءُ جي مالڪي ڪندا سنڌ جي ورهاس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ٽنڊوالهيار جي رهواسي عورتن پاران بااثر پائرن جي ڏاڍائين خلاف احتجاج

اسان جا پائر اسحاق، شڪور، ڪبير، يامين ۽ انيش مينگهواڙ اسان کي بناجواز تنگ ڪري رهيا آهن

جيڪي اسان جي گهٽي تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا مذڪوره ماڻهن اسان جو گهس به بند ڪري ڇڏيو آهي

اسان کي زمين لکي ڏيڻ لاءِ پڻ تنگ ڪري رهيا آهن مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ امين محمد ڪاڪيپوٽو جي رهواسي عورتن پاران بااثر پائرن جي ڏاڍائين خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي آسيه ڪاڪيپوٽو، زليخان ڪاڪيپوٽو، شاهد ڪاڪي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ٽنڊوالهيار جي رهواسي عورتن پاران بااثر پائرن جي ڏاڍائين خلاف احتجاج ڪندي

لعلو رائنڪ ۾ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، 3 ڄڻا فوت، 3 زخمي

قمبر(رپورٽر) لعلو رائنڪ پرسان ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون خوفناڪ ٽڪر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

ماتلي ۾ ٺهندڙ اسڪول بلڊنگ ۾ ٺيڪيدار پاران ناقص ميٽريل جو استعمال معصوم ٻارڙن جو مستقبل داءَ تي لڳل

ماتلي (رپورٽر)ماتلي لڳ ڳوٺ تماچي جهيجو ۾ ٺهندڙ اسڪول بلڊنگ ۾ ٺيڪيدار پاران ناق/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

چڪي جي معزز شخصيت مشهور گهوڙي سوار الهورايو ڪوري لاڏاڻو ڪري ويو سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي

نالي واري پهلوان ابن ڪوري جو مامون دل جو دورو پوڻ سبب 70 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو

مرحوم جي جنازي نماز درگاهه سيد آحمد شاهه بخاري ۾ ادا ڪئي وئي ڪيس اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

ٽنڊو فضل (رپورٽر)چڪي جي معزز شخصيت مشهور گهوڙي سوار الهورايو ڪوري لاڏاڻو ڪري ويو سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي نالي واري پهلوان ابن ڪوري جو مامون دل جو دورو پوڻ سبب 70 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز درگاهه سيد آحمد شاهه بخاري ۾ ادا ڪئي وئي ڪيس اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جنازي نماز سيد غلام مح/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

اين آءِ سي وي ڊي ۾ ملازمن جي غيرقانوني منتقلي واري معاملي تي نوٽيس جاري

ملازمن جي مبينا طور غيرقانوني منتقلي ۽ سروس رولز ۽ ريگيوليشنز جي مبينا ڀڃڪڙي واري معاملي تي نوٽيس جاري

اين آءِ سي وي ڊي جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر کي نوٽيس جاري، 20 آڪٽوبر تي جواب داخل ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي بينچ پاران نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊزيزز (اين آءِ سي وي ڊي) ۾ ملازمن جي مبينا طور غيرقانوني منتقلي ۽ سروس رولز ۽ ريگيوليشنز جي مبينا ڀڃڪڙي واري معاملي تي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33